يادون همسفر

شاعري

زيب كنگو







سورھ سنڌي ادب



صاحب خان سورھ ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

یادون همسفر



زیب کنگو

يادون همسفر

شاعري

زيب ڪنگو

ڪونج اڪيڊمي ڪراچي

كتاب نمبر 375

يادون همسفر

(شاعري)

شاعر: **زيب ڪنگو**

ڇاپو پهريون: 2024ع

تعداد: 500 ڪاپيون

لي آئوٽ: ظفر آفتاب

ٽائيٽل: سومل ڪنگو

قيمت: 500 رُپيا

ڇپيندڙ: ايچ اينڊ آر پرنٽرس، ڪراچي، سنڌ

ڇپائيندڙ: **ڪونج اڪيڊمي ڪراچي**

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

پيڪاڪ ڪتاب گهر

ڪراچي: رفيق سينٽر، زينب مارڪيٽ صدر: قمر آفتاب: 0300-2152634

حيدرآباد: عبرت پريس واري گهٽي: ديدار گوپانگ: 0304-3018400

لاڙڪاڻو: پرڳڙي پلازه جي سامهون: ڪامران شيخ : 0315-3578801

خيرپور: تهذيب نيوز ايجنسي: عمران عباس: 0308-3475569

سکر: الفتاح نيوز ايجنسي: اشفاق احمد : 0300-3293790

دادو: مدني ڪتاب گهر: شوڪت کوکر : 0307-3508886

نوابشاهه: سليمان برادرز: فاران ميمڻ:0312-3637001

ارپنا

پنهنجي خوبصورت ٻارن جي نانءُ

جي منهنجي ڏک سک ۾ مون سان گڏ آهن.

۽

سنڌي ڳالهائيندڙ سمورن دوستن جي نانءُ

خوبصورت خواب هو ۽ زيب هو،
همسفر ناياب هو ۽ زيب هو.

سٽاء

غزل

وايون

اداري پاران

هر تخليقڪار عام ماڻهو جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حساس هوندو آهي، ان لاءِ اهو سيني ڪان ۾و ڪيندو پڻ وڌيڪ آهي. ماڻهن جا سخت رويا، جِهڙڪن جهڙا لهجا ۽ پنهنجائپ ۾ اوپرائپ جو وڏندڙ لاڙو ڪنهن به حساس دل شاعر جي نہ رڳو طبيعت تي اثرانداز ٿيندو آهي، بلڪ ان جا اولڙا سندس شاعري ۾ به نمايان نظر اچڻ لڳندا آهن. هو جڏهن به ڪنهن معصوم کي ڪن وحشين هٿان مرندو ڏسندا آهن تہ اهي بدلي ۾ پنهنجي دل تڙپائي وٺندا آهن. جڏهن اها تڙپ سندن خيالن ۾ اوتجي شاعري بڻجي ويندي آهي تہ اها شاعري ماڻهن ۾ مقبول ٿي امرتا ماڻي وٺندي آهي.

لفظن جي جوڙجڪ ڪرڻ کي فن ۽ هنر تہ چئي سگهجي ٿو، ۽ اهڙا ڪيئي ڪاريگر اسان کي جهجهي تعداد ۾ ڪاغذ ڪارا ڪندي ڏسڻ ۾ پڻ ايندا آهن، جن جا احساس قومي ۽ عوامي احساسن ڪان بنهہ خالي هوندا آهن، پر ان کي حقيقي شاعري جي مقام تي آڻي نٿو بيهاري سگهجي. ڇاڪاڻ تہ حقيقي شاعري حقيقت ۾ اها ئي هوندي آهي، جنهن ۾ قوم جو درد سمايل هجي، جنهن ۾ قوم کي سجاڳي جو سڏ ڏنل هجي ۽ گيت گوريلا بڻجي ديس دروهين ۽ ديس دشمنن تي ڪاپاري وار ڪندا هجن. اهائي شاعري کي ماڻهن دلين جي ترجماني ڪندي آهي ۽ قوم جو آواز بڻجندي آهي.

”سٽن جو سفر“ ڪندن تي اگهاڙي پير هلڻ ڪان بہ وڌيڪ ڏکيو ۽ ڪٺن ڪم آهي.يعني ادب سان مستقل مزاجي سان نڀاءُ ڪرڻ ڪنهن چرچي جي ڳالهہ ناهي. زيب ڪنگو پٺائيءَ جي پونءَ جو اهو برجستو ۽ اڻٽڪ سرجڻهار آهي. جيڪو شعوري سفر دوران ڪٿي بہ ٿڪ ٿيندي نظر نٿو اچي. هو هن جديد ٽيڪنالاجي واري دور ۾ بہ ان ئي رفتار سان لکي رهيو آهي، جنهن دور

۾ سنڌي رسالن جو اوج واري دور ۾ لکندو هو. اڄ جڏهن سوشل ميڊيا جي وافر واهپي سبب ڪيترن ئي تخليقڪارن جو تخليقي موت واقع ٿي چڪو آهي، ۽ ان سان گڏ جهڙوڪ نوان ذهن سنڍ ٿي چڪا آهن، پر زيب ڪنگو اهڙي ڪنهن به سائنسي رڪاوٽ ڪي پنهنجي تخليقي صلاحيتن تي اثر انداز ٿيڻ ۽ پنهنجي ذهن جي آڏو بند ٻڌڻ ناهي ڏنو.

زيب ڪنگي جو هيءَ ڪتاب ”يادون همسفر“ سندس خوبصورت شاعريءَ تي ٻڌل آهي، جيڪا پڙهڻ وٽان آهي. هيءَ ڪتاب زيب جي انهن يادن جي مڪمل نچوڙ آهي، جيڪي يادون وٽندڙ ۽ خوشگوار به آهن ته گڏوگڏ اداس به ڪن ٿيون ۽ انهن ۾ پيڙاءَ به آهي جيڪا صرف زيب جهڙو ڪو حساس ۽ معصوم ماڻهو ئي محسوس ڪري سگهي ٿو.

مون کي پڪتو ويساهه آهي ته ڪونج اڪيڊمي پاران شايع ڪيل هيءَ ڪتاب ”يادون همسفر“ اوهان دوستن کي ضرور پسند ايندو ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجي مناسب جاءِ والاري ميجتا ماڻيندو.

قمر آفتاب
ڪونج اڪيڊمي
ڪراچي

غزل جو برجستو شاعر

سنڌي ٻولي جا ڪافي شاعر ٿي گذريا آهن ۽ ڪافي اڄا بہ پيلي شاعري ڪن پيا، انهن ۾ اگر انصاف ڪري ڏسبو تہ سائين زيب ڪنگو صاحب جو بلڪل منفرد يا جداگانا مقام آهي.

سائين غزل جي اسلوب کي خوب سمجهي ٿو، سندس شاعري ۾ ربط جو گهڻو اهتمام نظر ايندو پاڻ بلڪل برجستو شاعر آهي، غزل کي تسلسل جي دائري ۾ نمايان رکي ٿو رڌم ۽ رواني سندس هر تخليق ۾ نظر ايندي فڪر ۽ تخيل کي هر غزل ۾ نئين طريقي سان شامل ڪري ٿو، سندس تخليق سيني شاعرن کان بلڪل مختلف ۽ پائدار نظر ايندي پڙهڻ وارو سندس شاعريءَ جي سحر کي اتم محسوس ڪري ٿو، هو حال سان گڏ ماضي ۽ مستقبل کي بہ عيان رکي ٿو، مجازي رنگ سان گڏ حقيقي طاقت کي بہ پنهنجي شاعري ۾ داخل ڪري ٿو، سندس شاعري تمام خوبصورت رنگن سان نظر اچي ٿي. وڏي ڳالهہ تہ عام زبان کي پنهنجي غزلن ۾ آڻڻ جو فن بہ بهتر نموني سان پيش ڪري ٿو. سندس شاعري ۾ سچائي جو درس چٽو نظر اچي ٿو. مجموعي طور زيب سائين اسانجو تمام پلو ۽ معتبر شاعر آهي.

مان دعاڳو آهيان تہ سدائين اهڙا فڪر انگيز غزل لکندو رهي ۽ شاعري جي گلستان کي سر سبز ڪندو رهي آمين.

پير بهاءُ الدين ”بها“ سرهندي
مٽياري، سنڌ
30 آگسٽ 2024ع

اڪيلائي ۽ يادون همسفر

اندر جي خاموشي انسان کي اڪيلو ڪري ٿي ڇڏي، ۽ اهڙو بيوس ٿي رهڻ ڪو سنو سوڻ ڪونهي، ڪوشش اها ڪجي جو دنيا ياد ڪري اوهان جي صلاحيتن کي محسوس ڪري، ان خاموشي کي ختم ڪرڻ لئہ پاڻ کي سجاڳ رکڻ ضروري آهي ماحول جي هيٺائين مٿائين کي ڏسڻو ٿو پوي، زندگيءَ جي اصولن تي هلڻو ٿو پوي جي ائين نہ ڪنداسون تہ پو دنيا ڪان وسري وينداسون، وقت وڏو بي رحم آهي، زندگي وقت جي رفتار ڪان بہ تيز آهي يا ڪٽي ائين چئجي تہ وقت ڪان اڳ ۾ پنهنجي منزل تي پڄي ٿي وڃي، ان لئہ اها ڪوشش ڪريون تہ هن مختصر زندگيءَ کي خوبصورت ۽ يادگار بڻايون پاڻ محبت ايڪي ۽ ڀائيچاري ۽ امن سان رهون، منهنجي هن شاعري ۾ انسانيت جي لاءِ اهو ئي محبت ۽ امن جو پيغام آهي، انهي خيال مون کي اندر جي خاموشي ۽ اونهائي مان ٻاهر ڪڍي اهو احساس ڏياريو تہ ڪجھ ديس لاءِ ديس واسين لاءِ ڪجي انهن کي جاڳائجي، سچ ۾ اها ئي سوچ منهنجي خيالن منهنجي جذبن کي جاڳائي من جي ماٺي سمنڊ ۾ هر بار پٽر اڇلائي شاعريءَ جون لهرون پيدا ڪري ٿي، اهو ئي سبب آهي جو من جي ڪينواس تي شعرن جي صورت ۾ اوهان جي اکين آڏو آٽي ٿي، منهنجي اها ئي ڪوشش رهي آهي تہ شاعري اها ڪجي جيڪا دل جي زبان ۽ وقت جي عڪاسي ڪري ۽ اها ئي پنهنجو اصل مقام ماٽي سگهي ٿي، اهو ئي شاعر دلين ۾ جڳهہ ماٽيندو آهي جيڪو هر دل جي جذبن جي ترجماني ڪري، شاعري ۾ سلاست، جدت رواني، ترنم، بيساختگي، عمدگي، خيالن جي اڏار، سرور، وطن جي محبت، انسانيت سان پيار، انفراديت اگر نہ هجي تہ اها شاعري ناهي نہ وري اهو شاعر پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن ۾ پنهنجو مقام ماٽي ٿو سگهي، هي منهنجو چوٿون شاعري جو

مجموعو اوهان جي هٿن ۾ آهي، مون ان ۾پنهنجي طرفان گهڻي ڪوشش ڪئي آهي تہ اوهان دوستن جي معيار تي پورو لهان، هن ڪتاب ۾منهنجي قلب جون ڪيفيتون جيڪي هن ڪتاب ڪي جوڙڻ ۾ منهنجون مددگار رهيون، ان سان گڏ اوهان پيارن دوستن جون محبتون ۽ نيڪ خواهشون بہ شامل آهن جن مون کي تمام گهڻو اتساه بخشيو ۽ منهنجي قلم کي سگهہ ڏني ۽ زندگي جي سفر سان گڏ منهنجو اهو ادبي سفر بہ جاري رهيو.

هن ڪتاب سهيڙڻ ۾ پنهنجن پيارن دوستن شهمير سومرو درد هوش محمد ۽ امداد سهتو جو نهايت شڪر گزار آهن جن وقت بہ وقت پنهنجا مفيد مشورا ڏيندا رهيا.

مان پنهنجن پيارن مهربانن جو نهايت ٿورائتو آهيان، جن ۾ سائين ايازگل، سائين بهاءُالدين بها سرهندي ۽ محترم علي حسن سرڪي، جن پنهنجي مصروفيات مان قيمتي وقت ڪڍي هن ڪتاب ۾ مونتي بہ اکر لکيا. مان نهايت شڪرگذار آهيان محترم قمر آفتاب ابڙو ڪونج اڪيڊمي پاران پنهنجي ذاتي ڪوشش وٺي هي ڪتاب جلد ڇپرو ڪيو.

هن ڪتاب کان اڳ ۾ مان شاعري جا ٽي ڪتاب اوهان جي نظر ڪري چڪو آهيان جنهن جي اوهان دوستن پاران ڀرپور موٽ ملي، هي منهنجو چوٿون "يادون همسفر" ڪتاب جيڪو اوهان هٿن ۾ آهن ان لاءِ مون کي اوهان راءِ جو انتظار رهندو.

سدائين آباد هجو!... ...

زيب ڪنگو

اسلام آباد

2 سيپٽمبر 2024ع

ڀاڳن واري شهر جو شاعر زيب ڪنگو

هونئن تہ هر شهر هر نگر هر خطي جي پنهنجي سڃاڻپ ٿئي ٿي. جنهن جي ڪري اهو شهر خطو دنيا ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.

سنڌ ڌرتي ڀاڳن واري آهي جنهن جو هر شهر پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکي ٿو، پر ڪن شهرن کي خدا اهڙن صلاحيتن سان ڀري ڇڏيو آهي جو سنڌ جي ڀونءِ انهن شهرن جي ڪري پوري جهان ۾ ڄاتي وڃي ٿي. سنڌ جو هڪ اهڙو مايہ ناز شهر جنهن جو ايترو تہ مانُ ۽ شانُ مولا ڪيو آهي. جنهنجي ڪري هي سنڌ سونهاري ان شهر تي جيترو بہ فخر ڪري مان سمجهان ٿو گهٽ ٿيندو، ڇو جو هڪ پاسي پنج هزار سالن جي تهذيب سان گڏ شهيدن جو رت بہ ان شهر جو حوالو آهي. جنهن کي شاعرن، اديبن، ليکڪن جي سرزمين بہ چيو ويندو آهي، جنهن موئن جي دڙي جي اجڙيل تاريخ کي پاڻ ۾ سمائي پاڻ کي هميشہ لئہ امر بڻائي ڇڏيو. جنهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو کي پنهنجي هنج ۾ هميشہ لئہ مدفون ڪري شهيدن جي شهر هئڻ جو رُتبو ماڻيو.

شهيدن جي اهڙي شهر لاڙڪاڻي جي مان کهڙي ڳالهہ ڪيان جتي پوري دنيا ۾ پنهنجي منفرد ڪلا طور سڃاڻپ رکندڙ شاعر دوست جواد جعفري جو نالو ئي ڪافي آهي. جتي ڊاڪٽر احسان دانش جهڙو عظيم محقق، ليکڪ، شاعر، سچل سائين، لطيف سرڪار جو پارکو عاشق ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف، سنڌ لينگيوئيج اٿارٽي جو موجوده سيڪريٽري، انسانيت جي علمبردار ماڻهن ساڃاهہ وندن جو هي لاڙڪاڻو پنهنجن ڪيترن ئي حوالن سان تاريخ جي صفحن ۾ پاڻ کي نروار ڪري ٿو. لاڙڪاڻي سان ئي تعلق رکندڙ سنڌي ٻولي جو برک شاعر اديب محترم زيب ڪنگو بہ آهي.

زيب ڪنگو جو شمار سنڌ جي انهن سينئر ۽ منفرد شاعرن ۾ ٿيندو

آهي. جن پنهنجي مسلسل ڏات وسيلي لکڻيون لکي پاڻ کي پنهنجي شاعري ذريعي مڃرايو آهي زيب ڪنگو جهڙو سٺو ۽ خوبصورت شاعر آهي ائين ئي هو پنهنجي اعليٰ محبتي سڀاجهي شخصيت ڪري به دوستن ۾شاعرن ۾ ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. ان ڪري ئي سندس شاعري دلين ۾ ويهجي وڃي ٿي. ڏٺو ويو آهي ته رڳو ڀلي شاعري به ڪنهن ڪم جي نه ٿي رهي جيستائين اوهان سٺا انسان ناهيو. سٺي شاعر لئه سٺو انسان هجڻ به ضروري آهي اهي ٻئي خوبيون زيب سائين ۾ موجود آهن. جنهن جي ڪري زيب ڪنگو پنهنجي زيبائتي مخلص شخصيت ۽ سگهاري شاعري ڪري سموري سنڌ ۾ وڏو نالو رکي ٿو.

زيب ڪنگو جهڙو لکي ٿو مون کي سندس برملا ڪو نه ٿو سجهي جو ايڏي تيز رفتاري سان نون جدت ڀرين خيالن سان ڪو شاعري لکندو هوندو. سندس فيس بڪ ان ڳالھ جو گواھ آهي جتي هن جي شاعري کي روزانو پڙهڻ ٿئي ٿو. اهو سندس وال تي رکيل شاعري هجي يا مشاعرن جي هلندڙ سلسلن ۾ مختلف موضوعن تي ٿيندڙ شاعري ۾ به زيب ڪنگو پنهنجي شاعري طرحي هجي يا رديف توڙي غير طرحي مشاعرو ڇو نه هجي ان ۾ به زيب ڪنگو جو اسان کي ان ئي مهل ڪو نه ڪو شاعري جو اسم لکي پنهنجي ڏات جي آرسي سان نروار ملندو.

شهيدن جي شهر جو شاعر زيب ڪنگو پنهنجي نالي وانگر پنهنجي شاعري کي ٻڻائي ٻڻائي ڪاريگري سان هڪ اهڙو مصور ٿي لکڻ جو فن رکي ٿو جيڪو لفظن جي بهتر جڙاوت به ڄاڻي ٿو ته ڪيس اهو به بخوبي معلوم آهي ته هي لفظ ڪهڙي مقدار ۾ ڪهڙي حيثيت رکي ٿو ڇوڻ جو مقصد اهو آهي ته هو لفظن جي به وڏي ڄاڻ رکي ٿو سندس وٽ بيشمار لفظن جو خزانو آهي جنهن جو استعمال هو شاعري جي سٽاءَ کي لکڻ وقت سندر شهڪار جي روپ ۾ تراشي پيش ڪرڻ جو وڏو ڏانءُ رکي ٿو.

هونئن به استاد شاعرن جو اهو چوڻ آهي ته ڪنهن به شيءِ جي ڄاڻ علم کان سواءِ به اوهان ڀلو نه ٿا لکي سگهو. ان لحاظ کان سائين زيب ڪنگو تجربي سان گڏ وڏي ڄاڻ به رکي ٿو ته سندس پيٽ ۾ اهو علم به آهي جيڪو شاعري لئه ضرور سمجهو ويندو آهي جنهن کان سواءِ به شاعري پنهنجو توازن برقرار نه ٿي

رکي سگھي. زيب ڪنگو جي شاعري ۾ بلڪل توازن موجود آهي ان ڪري جو هو هڪ استادالشعراءَ شاعر اشرف زمان پير چندامي جو شاگرد آهي جنهن وٽان هو شاعري جو علم سکندو رهيو آهي اهو ئي سبب آهي جو هن وٽ شاعري ۾ علم جا ساگر اوتيل ملن ٿا.

زيب ڪنگو پنهنجي شاعري سان وڏو پيار ڪري ٿو ڪيس شاعري ان ڪري بہ پياري آهي جو شاعري هڪ واحد وسيلو وڃي بچي اٿس جنهن سان هو دل وندرائڻ سان گڏ پنهنجي جڏي جيءَ جو سهارو بہ سمجهي ٿو ڇو جو جيون ساٿي جو اوچتو جدا ٿيڻ بہ زندگي جو وڏو هاڃو آهي جنهن جي اچانڪ وڇوڙي ڪان پوءِ مان سمجهان ٿو هن جهريل، وکريل شاعر لئہ شاعري ئي مسيحو بڻيل آهي جنهن ۾ هو ڪيترن ئي سهارن جي سگهہ سمجهي آٿتون دلاسا ڏئي پاڻ ڪي جيارڻ جو دوامر رکي ٿو. سڀ سهارا هڪ هڪ ٿي ڪري هٿ ڇڏائي وڃن ٿا. بس آخري سهارو ئي شاعر جو شاعري آهي. جنهن ۾ سمورن خيالن جو سرحدون هڪ هنڌ شعرن جي سنگيت ۾ محسوس ڪندي شاعر ڪيترن ئي تخيلن جون مالهائون جوڙي پنهنجي ويران برباد حال ڪي رونقون بخشڻ جون ڪوششون ڪندو رهي ٿو نيڪ تئين ئي زيب سائين بہ اسان ڪي پنهنجي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل دل ڪي ميڙڻ ڪاڻ ڪڏهن کهڙي منظر ۾ تہ ڪڏهن کهڙي منظر ۾ نظر اچي ٿو. ائين زيب ڪنگو جي فراخدلي ۽ دوراندیشي بہ اسان جي سامهون ٿئي ٿي تہ هو ڪيترو همتور ۽ حوصلو رکندڙ شاعر آهي. جنهن جي خيالن ۾ سوچن ۾ دنيا جا سمورا درد غم ڪٽي هلڻ جي طاقت آهي.

زيب ڪنگو شاعري سان دلي لڳاءُ رکي ٿو سندس رڳ رڳ ۾ شاعري جا سنگيت آهن. هو شاعري ۾ وسيع خيالن جو ڦهلاءُ ڪري اندر جي اڏمن دردن ڪي پنهنجي بيان ڪرڻ جو هڪ الڳ لب لهجو رکي ٿو. جنهن ۾ سادگي بہ آهي تہ سهڻي اسلوب سان گڏ عوامي ٻولي جي پچار بہ آهي زيب ڪنگو ڪڏهن بہ ڏکهن لفظن جي پتاڙ ۾ ناهي ويو نہ ئي وري پاڻ پڏائڻ جي چڪر ۾ نظر آيو آهي.

هڪ سڌو سادو شاعر جنهن صرف پنهنجي رياضت ۽ محبت سان ئي هي سارو مانداڻ مچايو آهي. زيب ڪنگو وٽ خيالن جي اهڙي وشالتا آهي جنهن جي اڏامر ڪيس ڪيئي صديون پنهنجي فن فڪر جي نرالپ ڪري عام

جي دلين ۾ رهندو پيو. دلين جي ترجماني ڪندڙ شاعر جڏهن ٻين جي احساسن جذبن کي لکي ٿو تہ هو ڇڻ تڙپي پئي ٿو ڇو جو هو انهن غريب ڏتڙيل ماڻهن کي اهنج تڪليف ۾ نہ ٿو ڏسي سگهي. ڏرتي جي مفلس مارواڙن، سانگيئڙن سان ٿيندڙ ظلم ۽ نا انصافي کي آشڪار ڪري انهن جي حقن جي ڳالھ ڪري ٿو. اسان جو شاعر زيب ڪنگو بہ جڏهن اهڙي صورتحال سامهون ڏسي ٿو تہ پاڻ ماٺ نہ ٿو ڪري ويهي.ان ئي وقت سندس قلم جنبش ۾ اچي وڃي ٿو ۽ مسڪينن جي پَرَ ۾ نڪري پئي ٿو. سندس قلم احتجاج جا انبار لڳائي ڇڏي ٿو. هو ڪنهن جي بہ پرواھ ڪرڻ بدران حق سچ جو ساٿ ڏي ٿو.

نصوري فڪر سان سرشار زيب ڪنگو الستي عشق جي گيڙو رتي من ۾ ڪيئي آشائن جا ديپ ٻاري ديس جي سک شانتي لاءِ لکندو رهي ٿو. سندس گيڙو رتا خيال روح کي تازگي بخشن ٿا.، هو خوابن جي طنبوري جي وڄت سان ڪيئي رقص ڪري ٿو سندس احساسي دل جا خواب رقص ۾ جهومي پون ٿا جنهن جي خوشبو جي مهڪ زيب سائين کي "خواب رقص ۾" جو پهريون شعرن جو شهڪار ٿي ملي ٿو. جڏهن بدن جي تانگھ زيب ڪنگو کي وڏيڪ سک چين سان نہ ٿي ويهڻ ڏي تہ هو تندور جهڙي جسم جي تيک ۾ ڪي احساس جون ڪتڪايون محسوس ڪري ٿو. جن جي ٻاڦ ٻاهر لفظن جو ويس پائي هميشہ لئہ اهي احساس جون ڪتڪايون سندس جسم جو حصو بڻجي پون ٿيون جن کي خواب رقص ۾ جيان جي رنگت ڏئي "احساس جون ڪتڪايون" بہ منظر تي آڻي ٿو. خوابن ۾ احساسن ۾ جڳمڳائيندڙ جڳت جهڙو جيون مهڪائيندڙ چهرو بہ انهن سمورن انگڙائن کي جاڳائي ڪري نہ مٽجندڙ پياس ڏئي وڃي ٿو. اها پياس، تانگھ، تڙپ ئي دراصل شاعري آهي. جنهن جي ڪري زيب ڪنگو کي دنيا ۾ جيڪو سڃاڻيندو بہ نہ هو اهو اڄ ڪيس سڃاڻي ٿو. اها شاعري ئي آهي جنهن جي وسيلي دنيا جهان جا هڪ شاعر خيالن ئي خيالن ۾ سيئر سفر ڪندو وتي ٿو پر جي ڪيس اهي شاعري جا پَرَ نہ هجنس تہ هو اها مسافت هرگز نہ ڪري سگهي.

زيب ڪنگو شاعري جو اهو مسافر آهي جيڪو مون سدائين سفر ۾ ڏٺو آهي. سندس زندگي جا سفر اڻ ڪٿ رهيا آهن. خيالي سفر تہ پنهنجي جاءِ

تي پر هو ظاهري سفر ڪرڻ جو بہ وڏو شوقين آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ زيب سائين هڪ سياح بہ آهي جيڪو جاتي بہ جنهن جاءِ، شهر، نگر، وستي، واهڻ وچي ٿو اتان جي خوبصورت منظرن، ڪشادن رستن، پهاڙن، باغ باغيچن، بهترين وڻندڙ سونهري ڪهڪشائن، آبشارن سان گڏ نڪتل تصويرون ثابت ٿيون ڪن تہ هي اسان جو پيارو شاعر پنهنجي اندر ۾ ڪيتري نہ خوبصورتي رکي ٿو. ايتري ئي خوبصورت دل وانگر سندس شاعري بہ ڏاڍي خوبصورت آهي. جنهن جي ڪري ”ديد جو درشن“ ڪتاب آڻڻ ڪان پوءِ بہ سندس قلم چوٿين شعري ڪتاب جي سهيڙ ۾ آهي. جيڪو زيب ڪنگو جي مسلسل لکڻ جو نتيجو آهي جنهن ڪڏهن بہ پنهنجي شاعري جو ساٿ ناهي ڇڏيو. زيب جيڪو شاعري جي چيچ وٺي هن هي سفر ڪيو آهي. ان سفر زيب ڪنگو کي وڏو مشاهدو ڏنو آهي. مشاهدو بہ شاعري کي وڏا رنگ وڏا آهنگ بخشي ٿو. جيڪو ڪجھ اکين سان پسجي ٿو اهو مشاهدو ئي تہ آهي جنهنجو زيب ڪنگو وٽ بي حساب مشاهدو شاعري کي اجان بہ وڌيڪ نوان نوان نوان خيال نوان نوان منظر، نيون نيون ڳالهيون، پيشڪش جو نئون سٽاءُ ڏئي ٿو. جنهن جي ڪري بہ زيب ڪنگو جي اگر شاعري جو اڀياس ڪجي ٿو تہ سندس خيالن ۾ نزاڪت، سلاست، بلاغت، ڳجهارت، پهاڪن، استعارن جو سهڻو استعمال ملي ٿو. پيار جي پنڌ جا پيچرا بہ عجيب ٿين ٿا. جن تي نہ هلندي بہ ڪنهن کي هلڻو پوي ٿو. چو جو هو پيار جي خمار ۾ ٿو رهي. پيار جو خمار ئي زيب ڪنگو جهڙي نفيس شاعر جو رات، ڏينهن جو قرار ڪسيو آهي. ڪيس بيقراري آرام سان ويهڻ نہ ٿي ڏيس. ان بيقراري ۽ خمار جو رنگين حادثو زندگي جي وقت کي يادگار بڻائي اڳتي نڪري ويو آهي.

پيار جي پنڌ جو هي پانڌيئڙو بي حساب صاف دل رکندڙ شفاف آئيني وانگر چٽو نظر ايندڙ باضمير شاعر زيب ڪنگو عشق کي عبادت سمجهي ڪري لکي ٿو تہ.

خمار ئي خمار هو، عجيب ڇا تہ پيار هو
نہ رابطو نہ واسطو، وري بہ اعتبار هو

ڏنو جڏهن اکين قريب حُسن بي مثال کي،
نہ ڏينهن جو سُڪونُ هو، نہ رات جو قرار هو.

اسان تہ عشق جون سدا ڪيون پئي عبادتون،
رقيب فرض جي مٿان ڪيو تہ وار، وار هو.

رکي تہ صاف دل هُئي پيار جي حساب ۾
ضمير ’زيب‘ جو ڪڏهن نہ يار داغدار هو.

عجب پيار جا واسطا ۽ رابطا ٿين ٿا. جيڪي پاڻ ئي زندگي جا راهن تي جڙي بہ وڃن ٿا ۽ اڳتي هلي اهي جڙيل واسطا ڪئين ختم ٿي وڃن ٿا. حيرانگي جي حد نہ ٿي جو هلندڙ رابطن ۾ اچانڪ ڏقيڙ اچي وڃي جو اهي رابطا، رابطا نہ رهن. هڪ ٻئي کي ڏسڻ لئہ سڪجي وقت جي ڪسوٽي بہ ڪيڏا نہ ڪيڏ ڪيڏي ٿي جنهن جي نتيجي ۾ زيب ڪنگو پنهنجي زندگي جي پوڳنائن کي پاڻ تائين محدود رکي پنهنجي زندگي جو سرمايو سمجهي انهن دردن غمن جي پوڳنائن سان جيئندو رهي ٿو. پر هو اهڙو بہ بنواس قبول نہ ٿو ڪري جنهن ۾ رهي ڪري دلشڪستو ٿجي. هي وشواس سان، حوصلي سان، همت سان اڳتي وڌڻ جي آس رکي وقتي اداسي جي پنجوڙڻ کي ٽوڙي ڪوڙي خواب نگر کي پاسو ڪري اهڙو راهہ جو همسفر ڪٽي هلي ٿو جيڪو بي ادب نہ هجي. راهہ جي سفر جو ڄاڻو ٿي ڪيس ڪٿي بہ هيڪلو نہ ڇڏي. هر وقت سندس پرجهلو، همدم ۽ هم قدم ٿي هلندو رهي.

زيب ڪنگو جو ان ڏس ۾ هي ڪمال جو منفرد غزل جنهن جو بند بند شاهہ بند آهي. زيب ڪنگو جو نياءُ ڏسو ڇا تہ سٺاءُ اٿس. وزن جو تہ وري بادشاهہ شاعر آهي. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ ڪيترائي وزن آندا اٿس. هر وزن سان زيب سائين ڇا تہ انصاف ڪيو آهي. سچ تہ شاعري لکڻ جو حق ادا ڪيو اٿائين.

پاڻ جتي آسان وزنن ۾ شاعري ڪئي اٿس اتي تمام ڏکين وزنن سان بہ پيچ اڙائي وينو آهي پر پاڻ ڪمال جو فن ڪاريگري جو استعمال ڪيو اٿس. ان ڪري زيب ڪنگو اسان جي سنڌي شاعرن ۾ هڪ اهم شاعر ٿي ڪري پنهنجي حصي جي شاعري منجهان سنڌي شاعري کي ٻين جديد شاعرن وانگر جدت جا

ڀرپور رنگ رچائي رنگت بخشي رهيو آهي. زيب ڪنگو جو هي هيٺيون غزل فاعلاتن، مفاعلن، فعلن جي وزن ۾ ڪيڏو نہ اثرائتو ۽ ايندڙ وقت جي آگاهي کي سموهي ڇڏيو آهي.

ڪو بہ بنواس گهر نہ ٿو گهرجي
دل شڪستا شجر نہ ٿو گهرجي

وقت سان جو وڏي اداسي ٿي،
درد جو پل پهر نہ ٿو گهرجي.

ننڊ کي ان ڪري ٽڙيو مون آ،
خواب ڪوڙو مگر نہ ٿو گهرجي.

چنڊ نڪتو ڏسڻ تماشو پر،
بي ادب همسفر نہ ٿو گهرجي.

صدين جو مسافر شاعر زيب ڪنگو پنهنجي خيالن جي سندرتا سان ڪيئي صديون ياد رکيو ويندو. ڇو جو سندس شاعري ۾ اهو جوهر موجود آهي جيڪو ڪنهن بہ شاعر کي امرتا بخشيندو آهي. زيب سائين جي ڪلا ۾ اها مهانتا جڳمڳائي رهي آهي. جنهن جي روشني سان ڪيئي ذهن روشن ٿيندا رهندا.

پکين جهڙي خيالن ۾ اڏام رکندڙ زيب ڪنگو اسان کي پرواز جي بلندين تي ملي ٿو. سندس خيالن جو جهان ڪيئي وشالتا جون سرحدون اورانگهي ٿو.هو ڪنهن بہ سرحد ۽ عارضي حد کان سونهون ٿي سوچي ٿولکي ٿو. هونئن بہ شاعر جي خيالن جي ڪٿ ڪرڻ ممڪن ئي ناهي جيتري بہ ڪنهن وسيع خيالن جي ڪينواس ۾ ڏسجي ٿو هو اتي اسان کي نظر اچي ٿو. اهڙي طرح شاعري ڪنهن بہ دنيا جي پابندي کان آزاد هوندي آهي. شاعر، شاعري اڳيان ڪنهن ٻانهي وانگر هوندو آهي. جئين شاعري سندس کان لکرائيندي. تئين شاعر کي لکڻو پوندو. پو شاعر ان ۾ پنهنجي ڏانءُ ڪتب آڻي سگهي ٿو پر الهامي شاعر سچل سرمست رحہ چوي ٿو تهحدين وچي هرڪو لاحد وڃي پير "سچو" سو فقير، حد لاحد لنگهي ويو.

خيالن جا اڻ ڪٿ اجالا ڪٽي هلندڙ شاعر زيب ڪنگو بہ انهي فڪر فهم جو شاعر ٿي لکندو رهي ٿو جيڪو پڻ آزاد شاعري جي قلم جي نوڪ سان ڪيترن ئي ڏهاڪن ڪان اهڙيون ڏسائون، آشائون لفظن ۾ اوتي ٿو جيڪي سخن جي آڪاس تي پورنماسي رات تي چمڪن ٿا.جنهن جو چمڪاٽ دلين ۾ روشنين جا ديپ ٻاريندو رهندو.

زيب ڪنگو جي شاعري جو هي چوٿون ڪتاب آهي. سندس اڳ ڇپيل ڪتابن وانگر هي ڪتاب بہ سندس ساک جو ساکي ٿي مشعل راھ بڻجي. ايندڙ وقت ۾ زيب ڪنگو سائين اجان بہ ان ڪان بهتر لکي. سندس ڏات ائين ئي پرتل رهيس. ڪڏهن بہ ڏات زيب ڪنگو ڪان رسامو نہ ڪري. ڇو جو هي ڏات جو شاعر ڏات ڪان سوا ڪجھ بہ ناهي. ان ڪري ڏات جي ڏيھ جو هي شاعر عمر جي آخري سال تائين پنهنجي ڏات جا جوهر ڏيکاريندو رهي.

اجـان لـڙڪ اک جـي نـدي ڪـان پـري هـا،
الائـي تـہ ڇـو هـي خـوشـي ڪـان پـري هـا.

علي حسن سرڪي
خيرپور ميرس
10 آگسٽ 2024ع

مختصر راءِ

شاعري شعور مان ڦُٽي نڪري ٿي. شاعريءَ جو عميق انتهائي اونهو آهي. هر شاعر چاهيندو آهي تہ مهراڻ جي موجن سان مهاڏو اٽڪائي پاتال ۾ پيهي معنيٰ ۽ مفهوم جا موتي ميڙي منظرِ عام تي آڻجن. جنهن ۾ استعارن، تشبيهن، تمثيلن، ترڪيبن، تصور ۽ تال ذريعي، انساني تلخ تجربن جي پهلوئن کي روشن ڪري وٺجي. ائين ئي زيب ڪنگي جي شاعريءَ ۾ بہ فن، فڪر، فلسفو ۽ فهم اهڙو سمايل آهي جيڪو نہ صرف خوشيءَ، پر درد جي تجربي جو احساساتي ذائقو بہ چکائي ٿو.

سندس شاعريءَ ۾ سماج جا ڪئين رنگ روپ اظهاريل آهن، هُن وٽ سماج جي سُورن جون ڪَئين تصويرون چٽيل آهن، جن ۾ لفظَ استعارا بڻجي، تخليقي ڪينواس جو سُياءُ بخشين ٿا.

امداد سهتو
اسلام آباد

سونهن نگر جو سهڻو شاعر

زيب ڪنگو شاعري جي ماڻي جو تاج آهي زيب جهڙو نالي ۾ زيب ور آهي تهڙو ئي سندس مزاج زيبائتو آهي پاڻ محبت جي مايا سان ٽمٽار پُرخلوص انسان ۾ موجوده ٿهيءَ جو خوبصورت قلمڪار پڻ آهي.

زيب سان فيس بوڪ جي اوطاق تي ته ڪوڙ ڪچهرين جو شرف حاصل ٿيل آهي پر ساڱس روبرو ملاقات جو موقعو هن جي شاعريءَ جي ڪتاب "ديد جو درشن" جي مهورتي تقريب ۾ نصيب ٿيو.

زيب جي شاعري ۾ جديديت جا اولڙا بخوبي پسي سگهجن ٿا ۽ سندس شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل تشبيهون ۽ استعارا واڪاڻ جوڳا آهن، زيب جا گيت روح کي رونق بخشيندا آهن هونئن به شاعري جي ديوي هميشه زيب تي مهربان رهي آهي زيب جيان زيب جا غزل پڙهندڙن جي دل کي بر وقت اسير ڪري ڇڏيندا آهن مان دل جي حضور سان اهو چوان ٿو ته زيب جي مڪمل شاعري شاندار ۽ جاندار آهي شال سندس قلمي پورهيو تاابد تر و تازه رهي.

دعاڳو

اسير اياز چنا

راڏڻ



هر پٿر تنهنجو نشاني تي لڳو.
خون منهنجي آشياني تي لڳو.

اڄ پوي ٿي سڀ خبر هن ملڪ جي،
ڪيئن وڏو ڌاڙو خزاني تي لڳو.

ڪين غلطي ڪي مڃي هو ٿو مگر،
ڏوهه مقدر جي بهاني تي لڳو.

دشمنن جي دوستن سان پيٺ ڇا،
تير سڀ جو شاميانيءَ تي لڳو.

تو ڪيو پنهنجي مطابق ظرف جي،
ڪير پر ناهي زماني تي لڳو.

زندگيءَ جو مون ڪيو اپياس هو،
نانءُ پنهنجو هر فساني تي لڳو.

چوٽ ڪاٺڙ سان پتو مون کي پيو،
زيبُ ڇا لئه هُو يگاني تي لڳو.

—



خوبصورت خواب هو ۽ زيبُ هو،
همسفر ناياب هو ۽ زيبُ هو.

شاعراڻا ٻول وايون گيت تون،
شاعريءَ جو باب هو ۽ زيبُ هو.

ڪو تماشو سمنڊ تي چڙهيو هو متل،
جوش ۾ سيلاب هو ۽ زيبُ هو،

عشق جو درياهه هو سهڻيءَ اڳيان،
هڪ دلو غوراب هو ۽ زيبُ هو،

واس ڪي محسوس آهي مون ڪيو،
هي رڳو دولاب هو ۽ زيبُ هو،

هڪ گهڙي ۾ درد سڀ وسري ويا،
ساڻ جو احباب هو ۽ زيبُ هو،

حسن جو منظر ويو محفوظ ٿي،
اڀ مٿان مهتاب هو ۽ زيبُ هو.

—



دل ۾ ڏسجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري،
ڏڪ ڏڪ ٻڌجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

جنهنجي جنهنجي ننڊ ڦٽائي آهي تو،
ان ڪي سڏجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

ڪاوڙ هاري صاف ڪري پنهنجي من ڪي،
ناري چڏجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

ياد نہ ايندس توکي ڪڏهين مان بہ پرين،
سوچي ونجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

هيءَ حياتي فاني پر وقت اڇڻ تي،
خوش ٿي ڪلجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

ساٿي آهن وڻ, پکي انسانن جا،
تن سان هلجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

زيب غمن کي تاري هاٽي اڳتي هل،
مور نہ رکجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

—



هُتي محڪوم ويٺا،
هِتي مظلوم ويٺا.

وڏن کي درد هو پنهنجو،
ڏٺا معصوم ويٺا.

رهن زندان ۾ جيئرا،
ڪٿي مرحوم ويٺا.

ڪري حاصل ٻه پڇتايو،
هئا محروم ويٺا.

اتي لازم پيا کڙو،
جتي مفهوم ويٺا.

هلي ڏک اورجن تن سان،
ڪجن معلوم ويٺا.

رهن خوش زيب دل وارا،
هجن پل شوم ويٺا.

—



اسان سان رسڻ جا بهانا ٿي ويا،
نوان زندگي کي نشانا ٿي ويا.

وئي ڪين عادت اڃا تاءِ دل جي،
زخم روز ڪيئي توانا ٿي ويا.

نہ ريتون نہ رسمون نہ موسم مٽي آ،
شڪايت مگر ڪين جانا ٿي ويا.

رڳو سوچ تنهنجي رکي آهي من ۾،
چري چو پلا هاڻ دانا ٿي ويا.

پڇائون ڪري ڪين تڪجي پئي آ،
صدين کان وفائون زمانا ٿي ويا.

پڙهي مون اکين ۾ ڏٺي جو ڪهاڻي،
سدائين خوشين جا خزانا ٿي ويا.

ڪڏهن چوٽڪارو ملي زيب ويندو،
تڏهن ان خوشي جا ترانا ٿي ويا.

—



ڪيڏو روپ ڪمال رکي ٿي تصويرن ۾.
سهڻي سونهن جمال رکي ٿي تصويرن ۾.

پاڳل بڻجي رات پيا ها بادل برسي،
پاڻ بچائي حال رکي ٿي تصويرن ۾.

خوابن ۾ جو ايندي آهي پاڻ سجائي،
پيار ڦڪو فلحال رکي ٿي تصويرن ۾.

هر پل خوب خوشين سان گهارڻ چاڻي ٿي جا،
چاهت جو بے مثال رکي ٿي تصويرن ۾.

ديوانن کي ڪاٿي آئي آهي وساري،
يادن سان احوال رکي ٿي تصويرن ۾.

جيون سان ڏک سک سارا ساڻ هلندا آهن،
آئيندو خوشحال رکي ٿي تصويرن ۾.

ظاهر ٿيندا نيت اسان جا نيڪ ارادا،
سندر زيب خيال رکي ٿي تصويرن ۾.

—



پيو مجائي هو احتجاج ڪري،
ڪيس ڇئجو ٿڌو مزاج ڪري.

قرض هو ايترو ويو چاڙهي،
لڙڪ پنهنجا ڏنم وياج ڪري.

ويد ان جو ڏيو پتو مون کي،
”دل جي دردن جو ڪو علاج ڪري“.

من جي صندوق آ وئي پرجي،
سور ڪيڏا ڏنا تي ڏاج ڪري.

عشق جا تڪ وجن لهي جيڪر،
جي محبت سنئو مساج ڪري.

پيار واپار تي ويو جڳ ۾،
ڪير اهڙو ختم رواج ڪري.

ملڪيت زيب وٺ ٻچي چاهت،
باقي جيون ڇڏيو خراج ڪري.

—



کير ٿو مون کي پڪاري واٽ تي،
روز وينو لڙڪ هاري واٽ تي.

گهر پڄي پو ياد آيو هو اهو،
مان تہ آيس دل وساري واٽ تي.

عشق پنهنجي پاڻ کي پڌرو ڪيو،
ٿو مڙي هر ڪو نهاري واٽ تي.

انتظاري ڪين ٿي منهنجي ختم،
هو ويو آهي بيهاري واٽ تي.

مون پنيان وڌندو ويو آڪاس ڏي،
عڪس منهنجو شام ڌاري واٽ تي.

چڻ تہ چمڪي روشني اوتار مان،
ڪو ويو آ نيڻ ٻاري واٽ تي.

زيب جي محسوس ڪر تون درد ڪي،
چو زخم کولي ڏيکاري واٽ تي.

—



تو بن جيئڻ پاراتو آهي،
پر ڪين ڪڏهن تو ڇاتو آهي.

تنهنجي آڏو لفظ نہ تا نڪرن،
عشق ويو ٿي جڻ ٻاتو آهي.

ياد اهو ڪر بيت پٽائيءَ جو،
ميلي ۾ جو ڳڌ ڳاتو آهي.

محفل ۾ هڪ ماڻهوءَ ويٺو آ،
جنهن هڪ پيري ڳل لاتو آهي.

پر مان منهن لڪائي تون تہ وئين،
هيڪار منجهان تہ سڃاتو آهي.!

ڏس زيب پراڻن لاڳاپن کي،
ٿاهڻ لئہ هر ڪو آتو آهي.

—



ڳالھ نيڻن جي رڳو ناھي پرين،
روز دل منھنجي رني آھي پرين.

باھ اڳيان آھي پاڻي آ پنيان،
عشق ۾ آخر ٻيو ڇاھي پرين.

ھوش پنھنجو ڪو سنڀالي ڪونہ ٿو،
پاڻُ ڪي ڇا لئہ پيو ناھي پرين.

ڇا ضرورت آ وڻان ھن شھر ڪي،
ھو جڏھن ٿو ايترو چاھي پرين.

پيار جو واھڙ اجان آھي پري،
ڇو اڳي ئي ٿو لٽا لاھي پرين.

يادگيري ھر وئي ميسارجي،
ھن ڇڏيا سڀ نقش ئي ڊاھي پرين.

زيب کھڙي پيٽ مان تنھن کي ڏيان،
ڪير سينو سونھن سان ساھي پرين.

—



لفظن کي پل کير ولوڙي،
سيني ۾ پر تير نہ کوڙي.

شاد هجو آباد هجو شل،
جيون رکجو مون سان جوڙي.

صاف رکو دل پنهنجي هر پل،
ڳالہ کري پل کو بہ مروڙي.

اڄ جي شاعر کي سمجهايو،
رشتن جي توقير نہ توڙي.

تنهنجا لهجا سوچي مون کي،
ويندا هن ويچار وکوڙي.

کيئن وجي ٿي موسم مٿجي،
وارن کي ٿو جنهن پل چوڙي.

مشکل تو بن آهي جياپو،
زيب پيو ٿو پاڻ پتوڙي.

—



ڀروسو هو سڪونُ هو مون کي،
بس ملڻ جو جنونُ هو مون کي.

هوش تنهنجو ٻہ جنوري جهڙو،
جوش تندور جون هو مون کي.

هيءَ نئين زندگي جئان ٿو اڄ،
تو ڏنو پاڻ خونُ هو مون کي.

درد افلاس هي ختم ٿيندو،
نيڪ دل ۾ شگونُ هو مون کي.

من ۾ هڪڙي نهي عمارت ٿي،
سات ساجن ستونُ هو مون کي.

هڪ ارادو ٿتي پيو پنهنجو،
ويو ڪري جو زبونُ هو مون کي.

زيب انجام ڪان هيو واقف،
عشق توسان نِگونُ هو مون کي.

—



آنءُ بينو قطار ۾ آهيان،
هر گهڙي انتظار ۾ آهيان.

بيخودي هيءَ ڪٿي وئي ڪاڏي،
پاڻ شايد حصار ۾ آهيان.

ڪير مون ڏي پلا ڏسي هاٽي،
ڪين تنهنجي نهار ۾ آهيان.

روح ڪنهن ڪال ڪونڙيءَ ۾ مان،
جسم جي چڻ مزار ۾ آهيان.

موت پيو تو ڦري اڪين آڏو،
زندگي جي مدار ۾ آهيان.

پاڻ کي ڇا خبر ڪٿي پهچون،
اڻ ڏٺي ئي اڏار ۾ آهيان.

مفت ۾ روڳ تو ملي جاتي،
زيب اهڙي بزار ۾ آهيان.

—



رات مس مس تہ موڪلايو هو،
درد موٽي وري بہ آيو هو.

هو بہ تنهن هيو مليو مون سان،
پاڻ پنهنجو جڏهن وڃايو هو.

لوڪ ڪي هن چڙيو ٻڌائي اڄ،
خواب مون ڪان مگر لڪايو هو.

ديپ ٻارڻ مزار تي آئي،
ڪيس احساس ڪجهہ ستايو هو.

ايترو تيز چو هوا پهتي،
ڪنهن نياپو ڏئي سڏايو هو.

جيءُ جهوري ائين جدائي ٿي،
ڄڻ وڏي زلزلي ڏڏايو هو.

زيب چاهت مري وئي تنهن،
مون اکين ۾ تڏو وڇايو هو.

—



هڪڙو هي ملال ماري ٿو،
دوريءَ جو خيال ماري ٿو.

ڇا ڇا سوچجي پرين دل ۾،
پنهنجو ئي سوال ماري ٿو.

مونکي جام ڏي نہ تون هٿ سان،
بس اک جو ڪلال ماري ٿو.

تي ڇو ڏار مان وڃان تو ڪان،
هي دل ۾ ولالُ ماري ٿو.

ها مون کي گمان ڪو ناهي،
هيڻو وقت حال ماري ٿو.

هن سان پيٺ مان ڪيان ڪهڙي،
ڏيندي هر مثال ماري ٿو.

هڪ تصوير زيب آ سامهون،
جنهنجو بس جمال ماري ٿو.

—



تنهنجي محبت، گهاٽو وڻ آ،
مون لئہ چاهت، گهاٽو وڻ آ.

چانو چپر آ، مون تي هردم،
رب جي رحمت گهاٽو وڻ آ.

تو وٽ پهچي چين اچي ٿو،
دل جي راحت گهاٽو وڻ آ.

اجرا اجرا خواب اکين ۾،
ان ۾ حڪمت گهاٽو وڻ آ.

روز هلي ٿو هڪ ئي رخ ۾،
وقت قدامت گهاٽو وڻ آ.

ڪنهن بہ ضرورت سمجهي ناهي،
هيءَ وضاحت گهاٽو وڻ آ.

نيت اجورو آهي ملڻو،
زيب هدايت گهاٽو وڻ آ.

—



هر سفر ۾ شفاعتون آهن،
سڀ خدا جون عنايتون آهن.

دوستن سان رهي سدا رونق،
ياد تن جون شرارتون آهن.

خوف ۾ مبتلا حياتي چو؟
پاڻ سان چڻ عداوتون آهن.

بي وجہ ئي حساس جيون ۾،
نفرتون ۽ ندامتون آهن.

زندگي حادثن منجهان گذري،
شامتون ئي تہ شامتون آهن.

روز ئي روز پوڳجن چا لئہ؟
جي نہ پنهنجون حماقتون آهن.

زيب جي درگذر ڪجو پل چڪ،
ڪين مون وٽ وضاحتون آهن.

—



گيت نئون مون ڳايو ناهي،
ڪنهن بہ ڏنو ڪو رايو ناهي.

راتين ۾ هو روز اچي ٿو،
ڪنهنڪي خواب ٻڌايو ناهي.

محفل ۾ غيرن کي دعوت،
مون کي ڪنهن بہ سڏايو ناهي.

اکين ۾ خاموشي آ،
ڪانون کي ترسايو ناهي.

روح وڃي ٿو هاڻي نڪتو،
يار اڃان چو آيو ناهي.

ڪو ئي مقصد روئاري ٿو،
دل ۾ درد اجايو ناهي؟

جيڪو آهيان سو ئي آهيان،
پاڻ تہ زيبؔ پڏايو ناهي.

—



کير پڇي هن شهزاديءَ کان؟
آئي جيڪا پيرانديءَ کان.

سپنو آ يان کائي حقيقت،
سونهن ڏسان ٿو سيرانديءَ کان.

پنهنجي دل کي پار پڄائي،
موٽي آئي رات نديءَ کان.

پورا ٿيندي هاڻ ڏسان ٿو،
خواب ڏٺا ها مون ٻه صديءَ کان.

طوفانن مان اکري آيس،
قائل آهيان خاص خوديء کان.

ايڪو پنهنجو خوب ملهايو،
هو ٻه ڏڄي ٿو غير ٻڌيء کان.

سر جو سانگو لاهي اڇبو،
ڪير لنوائي آزاديءَ کان؟

جيون کي ويساهه ڏنو جنهن،
زيب رسي چو هاڻ خوشيءَ کان؟

—



پيار محبت چرچو ناهي،
عشق گهڻن جا ڪم ٿو لاهي.

ان ڪي سارو لوڪ سڃاڻي،
ڪنڌ ۾ جيڪو رئندو آهي.

يار هميشه مرڪي ملجي،
پيار سوا هت رکيو ڇاهي.

ڪنهن لئه چاهت پوڳ آ شايد،
ڪنهن لئه هو ته الائي ڇاهي.

شال نه ڪنهن کي روڳ لڳي من،
هر هر پيو ٿو ڊاهي ناهي.

هو به ڪري ٿو پاسو هاڻي،
پاڻ ڏنوسون جنهن کي ڇاهي.

زيب ڪڏهن تون ايندين مونڏي؟
ساهه پيو ٿو تو ڏي ساهي.

—



تاڪ پروڪا عيد اجائي،
پل پل ڌوڪا عيد اجائي.

ڪاغذ تي ها ابتا ڪاتا،
ليڪا چوڪا عيد اجائي.

چا لئہ من ۾ خاموشي آ،
درد انوڪا عيد اجائي.

نيڻن ۾ بس ڳوڙها آهن،
دل ۾ ڪوڪا عيد اجائي.

تصويرن مان رنگ اڏي ويو،
ڌنڌلا خاڪا عيد اجائي.

ميڙي رکجن پيسا ڪاٿي؟
ڦاٿل ڪيسا عيد اجائي.

خواب ويا هن زيب اڏامي،
خالي واڪا عيد اجائي.

—



حـالِ دل سـاري خـدائـي مـنـتـظـر،
ساڻ مـنـهـنجـي پـارسـائـي مـنـتـظـر.

هر پـنو بيـتـاب تـنهـنجي نانءَ لئـہ،
۽ قـلـم جـي روشـنـائـي مـنـتـظـر.

ويجهڙو تـوکـي کـيـان دل ٿـي چـوي،
کـيـر نـاهـي حـال پـائـي مـنـتـظـر.

پـيـار مـان هـٿـڙا رکـيـا فـرحت مـلـي،
هـڪ اجـا آ کـتـکـتـائـي مـنـتـظـر.

يـار مـان مصـروف تـنهـنجـي تـات ۾،
پـل رهـي هـيءَ وانـدڪـائـي منـتـظـر.

عشق جي جـولان مـان نـکـري وجـان،
آ کـڏهـن کـان هـي رهـائـي مـنـتـظـر.

بـي وڙائـي عـادتـون نـاهـن چڱـيـون،
زيـب چـو رکـجـي وڏائـي مـنـتـظـر؟

—



ڪنهن ڳوٺ شهر ۾ چو، دل جو دڪان ڪونهي؟
ها هن طرف لڳي ٿو، ڪنهنجو ڌيان ڪونهي؟

هر وات بند آهي، سپ وائڙا ٿُرن ٿا،
مون وٽ هزار ڳالهيون، ڪنهن وٽ گيان ڪونهي.

هڪ آ خدا سڀن جو، پو اختلاف ڇا جا،
مون ڪي ٻڌاءِ واعظ، رب مهربان ڪونهي؟

بي لوث آ محبت، محبوب هيءَ اوهان سان،
دنيا سان پيار منهنجو، اڪرين بيان ڪونهي.

ڌرتي سڄي وطن آ، هن پونءِ جو ٻچو مان،
گهر ڇو اتي وسايان، جت آسمان ڪونهي؟

هڪڙو حسين چهرو، محفل لٽي ويو هو،
موٽي اچي مگر ڪو، اهڙو گمان ڪونهي.

منزل پري هجي پل، پرواهه زيب ڪهڙي،
هن پيار لئه وڏو هي، ڪو امتحان ڪونهي.

—



درد تہ منهنجي اندر ۾ آ،
بي چيني چو بستر ۾ آ؟

پوڇا ان جي لازم آهي،
جيڪو من جي مندر ۾ آ.

هر هر ايري عڪس اچي ٿو،
چهرو سو پسمنظر ۾ آ؟

ڪاوڙ پئي ٿي اک مان ڏسجي،
جوش ڪٿي هن خنجر ۾ آ؟

منهنجي دل ڪي آٿت ڏيندي،
پاڻ رني چو پاڪر ۾ آ.

مهڪايو جنهن ڪمرو سارو،
وار پيو هڪ چادر ۾ آ.

چا تہ مزو هي زيب الڳ هو،
جيڪو هر هر نهڪر ۾ آ.

—



خيال هي باخدا رهي ٿو،
ڏيان تو ڏي سدا رهي ٿو.

نہ ڏوھ اھڙو سنگين ھو پر،
ملال ڇا جو پلا رهي ٿو؟

ڪمي نہ ڪائي اسان ڇڏي آ،
اڃا بہ وچ ۾ خلا رهي ٿو.

ڪيا ٿي سجدا سدا نگاھن،
۽ فرض تيندو ادا رهي ٿو.

قريب دل جي ڪري ڏنو سون،
ذھن تہ ان جو جدا رهي ٿو.

پروڙ ساري تہ يار توکي،
ھي حوصلو ڇو خطا رهي ٿو؟

عجيب اڄ تڄ آ زيب دل ۾،
ضرور ڪوئي خفا رهي ٿو.

—



خواهشون دل جون ڪٽي ڪاڏي وڃان؟
روح کي ميخون هڻي ڪاڏي وڃان؟

چو نہ رستا بادلن جا روڪجن؟
گھر ڪٽي مان سانوڻي ڪاڏي وڃان؟

آئيني ۾ ڪين آ صورت چڱي،
ها مگر تو کي وڻي ڪاڏي وڃان؟

ٿورڙي ادراڪ آيس مان وٽن،
تو سوا ڏس راڳڻي ڪاڏي وڃان؟

ڪو منو ميوو تہ مان ناهيان پرين،
وڻ مان هيڪر ڇڻي ڪاڏي وڃان؟

مئڪدو پنهنجو نڪاڻو آ صنم،
در ڇڏي ڏس ڪامڻي ڪاڏي وڃان؟

زيب جيون قيد خانو ٿي ويو،
ديس آهي چانوڻي ڪاڏي وڃان؟

—



من چوي تو هيءَ خودي ماري ڏسان،
زندگي مدهوش ٿي گهاري ڏسان.

خوف ڪهڙو مان ڪيان طوفان جو،
ناوَ ڪي درياهه مان تاري ڏسان.

هڪ دفعو ڪوشش وري ڏسبي ڪري،
درد جيڪر هي ڪلي ٺاري ڏسان.

هو جوانيءَ ۾ بچايو تو خدا،
پاڻُ هاڻي چو پلا ڪاري ڏسان؟

درد جو ڪو ذائقو ونجي چکي،
من مٿان ٿورو زهر هاري ڏسان.

چو اکيون ڪنهن سان اڙائي ڪا نئين؟
باهه جيون ۾ وري ٻاري ڏسان.

زيب مان تڪرار پاليا ها رڳو،
پيار جو هاڻي پڪي ڌاري ڏسان.

—



تحفي ۾ گلُ قلُ ڏيندس مان،
پاڪر هي ڪوملُ ڏيندس مان.

تازو دل جي باغ منجهان ڏس،
تو کي هڪڙو گلُ ڏيندس مان.

پيار محبت جي بدلي ۾،
چاهت جو نوبلُ ڏيندس مان.

چوندي درد اکين سان تنهنجا،
ها ڪين ٽيڻ شل ڏيندس مان.

خون رڳن مان يار نپوڙي،
هي ٻہ بدن جو جلُ ڏيندس مان.

تو ٻہ چيو ڏي عشق برابر،
مون ٻہ چيو تلُ ملُ ڏيندس مان.

تو ٻہ گهرين ٿو هڪڙي ساعت،
وقت سڄو پلُ پلُ ڏيندس مان.

زيب چمڻ لئہ راضي آ جي؟
پنهنجو ناهي ڳل ڏيندس مان.

—



بي وفا سان پلا رابطو ڇو ڪيان؟
درد ڄاڻي نٿو واعدو ڇو ڪيان؟

دشمنن سان ڪري ناهه جون ڳالهيون؟
پاڻ لئہ هڪ نئون مسئلو ڇو ڪيان؟

ڪڪ رکڻ عشق تي آ ضروري پرين،
پيار ماڻهن اڳيان وائڪو ڇو ڪيان؟

پيار وارا اکين تي هجن پل سدا،
دشمنن ڪي مگر دادلو ڇو ڪيان؟

سوچ منهنجي نہ سمجهي سگهي دوستو،
ان بہ انسان سان واسطو ڇو ڪيان؟

بت پرستي اسان کان نہ ٿي آ سگهي،
ڪم ڏسي وائسي هي گٿو ڇو ڪيان؟

زيب هن جي بہ رکڻي پوي ٿي وري،
دل چريءَ کي هتي هيڪلو ڇو ڪيان؟

—



هـر كـو مـاڻـهـو مسـتـيءَ ۾ آ،
سڀ ڪجهہ تنهنجي بستيءَ ۾ آ.

خير گهران ٿو رب کان پنهنجو،
جنهن جي هٿ ۾ هستيءَ ۾ آ.

لهرن کان ڊپ ڪهڙو رکجي؟
عمر گزاري ڪشتيءَ ۾ آ.

دور وڃان پيو ڪاڏي تنهن کان،
ساهہ منو جنهن سرتيءَ ۾ آ.

پاڙون منهنجون هيٺ ڪتل هن،
جيون جو وڻ ڌرتيءَ ۾ آ.

ساهڙ تو سان سات سلامت،
دشمن جو منهن پستيءَ ۾ آ.

زيب رهي ٿو تنهنجي پر ۾،
وينل تنهنجي وستيءَ ۾ آ.

—



لڳي ٿو پيار ڪان پيارا، اوهانجي دل جو خالي آ،
ٿياسون ڪين سوپارا، اوهان جي دل جو خالي آ،

اهو احساس ناهي ڪو، نہ ڪو خواب هو جاني،
وڃايا واٽ تي چارا. اوهان جي دل جو خالي آ.

اڌوري زندگي پنهنجي، وڏي ڪا آزمائش آ،
ڏنا ٿئي موت لامارا، اوهان جي دل جو خالي آ.

اکين مان روز پرجن ٿا، اداسن جا پيا بادل،
ويا موتي ڪڪر ڪارا، اوهان جي دل جو خالي آ.

سدا مون ڏي اچڻ جا هي، رڳو تنهنجا دلاسا ها،
هئا ڪوڙا اهي لارا، اوهان جي دل جو خالي آ.

سوا تنهنجي، مٿان منهنجي، هئي هر رات ڀاري سا،
گذاري جا، تڪي تارا، اوهان جي دل جو خالي آ،

حياتي زيب ساريندي، ملڻ جي آس ۾ گهاري،
رهيا پر نيڻ تاسارا، اوهان جي دل جو خالي آ.

—



اک جي دروازي تي احساس رکي تي،
رستن تي ڇو هيڏو بنواس رکي تي؟

سوچڻ جهڙي ڳالهہ اها جا سوچيان ٿو،
ڪيڏو مون لئہ من ۾ بہ قياس رکي ٿي.

منهنجو نالو عام ٿيو هو جنهن خاطر،
خالي پنهنجي دل جو قرطاس رکي ٿي.

ماٺي آهي دلبر ڌرتي جيڏي دل،
نيڻن ۾ پر سارو آڪاس رکي ٿي.

ڪالهہ اجان تون آئين منهنجي ڌرتيءَ تي،
منهنجي سنڌ صدين جو اپياس رکي ٿي.

لفظن ۾ جيڏو پائيچارو آهي،
ايڏو منڙي ٻولي اتهاس رکي ٿي.

چاهت سان جوشيلا ٻوسا زيب ڏئي،
نفرت جا سڀ سانڍي ترماس رکي ٿي.

—



عشق ڪنيو سي ساڄي هٿ تي،
درد رکيو ڇڻ کاٻي هٿ تي.

مرڪي تي هوءَ پاڻ پري ڪان،
لرزش ٿئي ٿي منهنجي هٿ تي.

هٿ ڪي لوڏي ڪيڪاري ٿي،
ميندي آهي جنهن جي هٿ تي.

ڇاڻ رکي ٿي دنيا ساري،
ڪير نچي ٿو ڪنهنجي هٿ تي.

پوري پوري آ پاڪر ۾،
ڪيئن رکان مان هڪڙي هٿ تي؟

هڪ هڪ تي هو آيو اڪ مان،
ڳوڙهو ڪرندو ڪهڙي هٿ تي.؟

زيب ويو آ هڙئي ڊاهي،
ياڳَ لڪيرون رهڙي هٿ تي.

—



سوچ جي ننڊ مان اٿاري آ وئي،
ڇڻ وڏو طوفان ٿاري آ وئي.

درد ۾ پي پيار جيڏو هو مزو،
هوءَ مرڪي جو نهاري آ وئي.

مختصر پنهنجي ڪهاڻي ٿو لکان،
رات مون سان گڏ گذاري آ وئي.

شام ٿيندي ئي نشا چڙهندا ويا،
جام نيڻن سان پياري آ وئي.

عشق جي تاريخ جا آهن قصا،
ڪيئن تري سهڻي ڪناري آ وئي؟

چاهه سان ياڪر وجهي جذبات ۾،
خواب جا منظر سنواري آ وئي.

زيب پنهنجي ٻانهن سيراندي ڪري،
پاڻ ٻانهن ۾ هوءَ وساري آ وئي.

—



وقت ڪڏهن ڪو آيو ناهي،
تو وٽ خيالَ پڇايو ناهي.

ياد اوهان جي ساوڻ وانگي،
من ۾ مينهن وسايو ناهي.

جيڏي پنهنجي ڳالهه هلي ٿي،
ايڏو يار ستايو ناهي.

ننڊ نہ آئي رات سڄي ڪا،
تنهن لئہ خواب وڇايو ناهي.

هڪ ڪي دل ۾ جاءِ ڏني مون،
ٻئي لئہ پاڻ وڇايو ناهي.

عشق مٺي جو ڄاڻي واڻي،
سور سٺو بہ اجايو ناهي.

مون سان ڪلندي زيب هلي ٿو،
دل جي درد رلايو ناهي.

—



هجر جي دل تي اَٽي آهي پڳي،
چوٽ حد کان ئي گھٽي آهي پڳي.

لڙڪ جهرڻا ٿي پيا ڳل تي ڪري،
جيئن وڇوڙي جي ڪَٽي آهي پڳي.

هر خبر هوندي به، ٿيندي بي خبر،
هام ڪيڏي هوءَ هَٽي آهي پڳي.

خوف ۾ ڪٽجي پيلا ڇو زندگي؟
سوچ ساڙي پَدمَٽي آهي پڳي.

انتظاري ۾ ڪٽي مون ڏرتتي،
شام ڏاري ڪامٽي آهي پڳي.

مرڪ خالي حسرتون ناراضگي،
ڪيترا الڪا ڳٽي آهي پڳي.

باھ تي جڻ پير هن جا زيب ها،
پو به نچندي ناچٽي آهي پڳي.

—



بند سارا هي جڏهن رستا هئا؟
هي ڪتان رهزن اڇي نڪتا هئا؟

هن شهر ۾ هڪ ته گونگاٽو هيس،
گم ويا تي سڀ جتي رشتا هئا.

ڏار پنهنجي درد جو شجرو نه آ،
هڪ امڙ جا ڪنهن ٻڌا سڏڪا هئا؟

ديس ۾ ٻولي ٻيو سمجهي نه ٿو،
اجنبي منهنجا ته چڻ گفتا هئا.

ڪو اميدن جا وڻ وڍي آهي ويو،
حسرتن جا روڍ تي لاشا هئا.

هي ارادو غير جو ناهي رڳو،
يار شامل تو ڏسان پنهنجا هئا.

ديس جا وارث ڀلا ڪاڏي وڃن؟
زيب چو ٻڌيا رڳو لقما هئا؟

—



اجان لڙڪ اک جي نديءَ کان پري ها،
الائي تہ چو هي خوشيءَ کان پري ها؟

رياضت ڪندي ها ويا سال گذري،
اجان قرب تنهنجا صديءَ کان پري ها.

ڳلن تي رکان هان وري چپ اجارا،
اهي پر چپن جي چميءَ کان پري ها.

ڦرن تا ذهن ۾ حسينن جا چهرا،
مگر سوچ پنهنجي سڄيءَ کان پري ها.

رکي گل دري ۾ ويو پاڻ ڪاڏي؟
هٿن کي نہ ويجهو تريءَ کان پري ها.

ڳليءَ ۾ سجاتا پرين پير تنهنجا،
اسان جي منا سي جهڳيءَ کان پري ها.

جڏهن زيب پاتو هيو يار ليئو،
تڏهن نيڻ پنهنجا دريءَ کان پري ها.

—



تسبيح پڙهان وينو، مڪتوب اڳيان تنهنجي،
مان عشق سندو طالب، مطلوب اڳيان تنهنجي.

هڪ سوچ هئي دل ۾، ڪو خواب اکين ۾ هو،
سڀ پيش ڪري وينس، اسلوب اڳيان تنهجي.

ڪجهه لوڪ ڏيڄاريو هو، ڪجهه دل ۾ هيو خطرو،
مون نانءُ ڪيو پنهنجو، منسوب اڳيان تنهنجي.

تي ڌار ڪنارن کان، درياهه وچي ڪاڏي؟
ڪنهن ناوَ جيان آيس، مان خوب اڳيان تنهنجي.

اوڌر نہ رهي ڪائي، ڪو قرض بچيو ناهي،
پر پاڻ هيس گروي، محبوب اڳيان تنهنجي.

ڪردار سچائي جا، ها چار چڱا چهرا،
هر مرد مگر آهي، مغلوب اڳيان تنهنجي.

يل آڻ پرين چپ تي، يا هار ڪٺي مون کي،
هي زيب منو دل جو، مشروب اڳيان تنهنجي.

—



كاش جي عشق تي هان ستائڻ بنا،
پيار هر ڪو ڪري دل ڏڪائڻ بنا.

زندگي سان محبت تڏهن آ ٿئي،
موت پهتو جڏهن هو ٻڌائڻ بنا.

اوچتو دل وئي هڪ حسينا ڪٺي،
عشق آيو اسان وٽ سڏائڻ بنا،

مون اجان هٿ وڌايو هيو مس مگر
هو هليو ئي ويو موڪلائڻ بنا،

ناز کهڙو ڪجي مفت جي مال تي؟
ناڻُ ٿيندو نہ آ آزمائڻ بنا.

يار پنهنجو اهو ڪين ٿيندو سڄڻ،
ڪوڙ دوکا ڪري اک ملائڻ بنا.

هيءُ اجازت اگر زيب محبوبُ ڏي،
ڪين در تان وڃان فيض پائڻ بنا.

—



افواهه اڏائي ٿو، ڪو چنڊ ڪي سمجهائي.
چو سچ کي لڪائي ٿو، ڪو چنڊ کي سمجهائي؟

تصوير مکي مون ڏي، پردي ۾ هيو بينل،
محجوب سڏائي ٿو، ڪو چنڊ کي سمجهائي.

آ خوف ستارن کي، بادل ۾ وتن لڪندا،
هر ڪوئي لنوائي ٿو، ڪو چنڊ کي سمجهائي.

هن رات گذارڻ ۾، ڪجھ وقت لڳي ويندو،
ڪا راهه پچائي ٿو، ڪو چنڊ کي سمجهائي.

شب روز اچي پائي، جارن مان پيو جهاتي،
چپ چاپ چتائي ٿو. ڪو چنڊ کي سمجهائي.

هو راز وڏا دل ۾، چو آهي رکي وينو؟
ڪجھ ڪين ٻڌائي ٿو. ڪو چنڊ کي سمجهائي.

هن غور ڪري هڪڙي، منهنجي نہ ٻڌي آهي،
بس پنهنجي هلائي ٿو، ڪو چنڊ کي سمجهائي.

دل زيبَ اسانجيءَ کي، هو گهاءَ ڏئي گهرا،
پيو پيار جتائي ٿو، ڪو چنڊ کي سمجهائي.

—



خمار ئي خمار هو، عجيب ڇا تہ پيار هو؟
نہ رابطو نہ واسطو، وري بہ اعتبار هو.

ڏٺو جڏهن اکين قريب حسن بي مثال کي،
نہ ڏينهن جو سڪون هو، نہ رات ۾ قرار هو.

اسان تہ عشق جون سدا ڪيون پئي عبادتون،
رقيب فرض جي مثان ڪيو تہ وار وار هو.

اڇن پيا وضو ڪري، قطار ۾ تہ خواب ها،
فقط حسين ننڊ جو ئي ڪين انتظار هو.

نہ داستان هو نہ ڪو نشان انقلاب جو،
بچو وڃي مڪان ۾ نہ ڪو بہ رازدار هو.

رنگين حادثا هيا ڪٿي پلا وسارجن؟
اها تہ زندگي هئي ۽ وقت يادگار هو.

رکي تہ صاف دل هئي پيار جي حساب ۾،
ضمير زيب جو ڪڏهن نہ يار داغدار هو.

—



ارمـان اسـان جـا هـت، بـيـكـار مـري ويـنـدا،
اڃ ديس منجهان هي نہ تہ، شهڪار مري ويندا.

بـنـيـاد ڪـچـو هـونـدو، ديـوار ڏري ويـنـدي،
تـعـمـيـر ڪـنـدي سارا، مـعـمـار مـري ويـنـدا.

وڏڪـار ڪـيـو آهـي، هي سوڳ وري ڇا لـئہ؟
حـيـران پـڪـي ٿـيـنـدا، وڻ ڏار مـري ويـنـدا.

هت ڪـوڙ فـريـبـي هـن، پـر ووٽ ڏجو سوچي،
ڪا ڪـيـن ڪـجـو غـلـطـي، حـقـدار مـري ويندا.

ٿو روز ٻچا سنڌ جا، بي ڏوهہ ڪنيي ڪوئي
مـعـلـوم ڪـري هـتـڙي، ڪـردار مـري ويـنـدا.

دل ۾ بہ دغـائـي آ، مـقـصـد بہ سـچـو نـاهـي،
پـر قـوم سـدا رهـنـدي، ۽ غـدار مـري ويـنـدا.

سڀ زيب لـکـي وٺ تـون، تـحـريـر ڪـتـابـن ۾،
جي ديـر ڪـنـديـن ٿـوري، ويـچـار مـري ويـنـدا.

—



خاموش ڪي ستم ها، ڪنهنکي خبر نہ آهي،
ڪنهن جا تہ هي ڪرم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي.

ڪاتب لکي اسان جي، تقدير هو ويو پر،
جيڪي ڪيا قلم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي.

هر چال ۾ لڪائي، هن لفظ ئي هنيان ٿي،
پالن جيان ڀرم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي.

ويساهہ مون ڪيو هو، هر ڳالهہ تي سدائين،
احساس ڇو ختم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي؟

مقتول کي ڏسو ٿا، قاتل نظر نہ آيا،
هو ڇا نسل اتم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي؟

منهنجي دماغ کي ڇو، سوچن اچي ورايو،
سپنا ٿيا ڀسم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي؟

پاڙي سگهيو نہ آهين، جي زيب سان ڪيا تو،
ڪاڏي ويا قسم ها، ڪنهن کي خبر نہ آهي.

—



كنارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ،
سهارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

جڏهن تو هٽائي نظر بادلن تان،
نظارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

اڇي چنڊ منهنجي لهي تو اڱڻ تي،
ستارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

طبيبن ڪيو لا دوا عشق پنهنجو،
هزارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

ڏسي پيار پنهنجو خزان جي پنن تي،
بهارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

ڪٽي ڪونج هڪڙي پڳي جو نياپو،
قطارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

چني زيب دلبر هوا ۾ اُڏاري،
اشارن جي بلڪل ٿني دل پئي آ.

—



هوا آهي نفرت جي اهڙي گهلي،
اسان يار جنهن ۾ وياسون رلي.

رهي سا گلابن ۾ خوشبو نہ آ،
رنا وينني پوپٽ نہ مالهڻ کلي.

ويو کائي ماڻهوءَ کي ماڻهون هتي،
مگر کين تنهن کي بہ راحت ملي.

کندا جنهن وڇايا هئا راهہ ۾،
نہ سک سان سگهيو هو بہ آهي هلي.

جتي ٿهڪ تنهنجا ها گونجا سدا،
بي رونق ڏسان ٿو اها اڄ ڳلي.

مون روکي رکيو آهي احساس کي،
سڄي ڳالهہ همراز سان مون سلي.

خدا جو ئي عاجز بندو زيب مان،
نکي پير مرشد نکي مان ولي.

—



خوشين جا ڪسي سيئي اسباب يارو،
ڏئي بس اڪين کي ويا آب يارو.

فلڪ کي چڏي هي ويا سڀ ستارا،
پري هو زمين کان بہ مهتاب يارو.

ڪري خودڪشي هي پيا روز مرندا،
هجي ڪو گهٽائي اهو تاب يارو.

جواني ڪندي نيٺ پنهنجي پڄاڻي،
حسن کين رهندو تہ ناياب يارو.

گهٽا ئي سبق ٿي ڏنا نفرتن جا،
اجان بند ناهي ٿيو باب يارو.

سياست ذريعي معاشت لٽڻ لئہ،
ڏسو لوڪ هر ڪو آ بيتاب يارو.

سڄي سنڌ ڪائي ويا پر اجان ڪجھہ،
نوان هيل آيا ڪٺي خواب يارو.

اچي زيب طوفان اهڙو وجي شل،
ٻڏي ظلمتن جو ڪو غوراب يارو.

—



لهي سپ خوشين جا ويا لاب آهن،
پڪي ٿي اکين مان اڏيا خواب آهن.

ڪٿي باغ دل جا ٿيا ويران ڏسجن،
ڪٿي خوب صحرا ۾ سيلاب آهن.

سلا پيار جا ات سڙي خاڪ ٿيندا،
ڏڪن ساڻ ٿيندا جي سيراب آهن.

جلائي اسان جي وري دل نماڻي،
ويا روز هاري ته تيزاب آهن.

ڳلن تان ڪٽي جي ويا هن سڪي پر،
اکين ۾ اجان ڪوڙ ڪولاب آهن.

ڪجي پروسو آ ويو دوستيءَ تان،
ڏنا جنهن هزارين ته دولاب آهن.

ڪٿي جانِ پنهنجي چٽي ٿي پرين ڏسِ؟
سوين زيب سَهِڻا اجان تاب آهن.

—



ڪي ديوارن پويان پَهِرا بيٺا ها،
چپ چاپ الائي چو چَهِرا بيٺا ها.

آڪيرن ڏي موٽي آيا شام پکي،
چار وچائي ماري سَپِرا بيٺا ها.

ڪوٺن ۾ هوءَ پاڻ لڪائي ويٺي آ،
دروازن تي ڪيئي خَطِرا بيٺا ها.

ڪاٽي آيس جيون جا ڏک آخر پر،
سور اجان ڪي من ۾ اَپِرا بيٺا ها.

اجرڪ ويڙهي سونهن ستي آ آڳر تي
رات پڌر تي بادل گهِرا بيٺا ها.

ڪير لتاڙي آيو ڌرتي غيرن سان،
يار پري ڪان هڙئي پَڌِرا بيٺا ها.

ڪنهن ڪي منهنجي لڙڪن جو احساس نہ هو،
گل تي زيب اجايو قَطِرا بيٺا ها.

—



نيڻ نشتر سان ڪيان ٿو دوستي،
چڻ ته محشر سان ڪيان ٿو دوستي.

الميو ڪيڏو ويو مونسان ڪري،
پو به دلبر سان ڪيان ٿو دوستي.

پنهنجي قاتل سان ڪيو آ پيار مون،
هاءِ خنجر سان ڪيان ٿو دوستي.

مان رکي تصوير تنهنجي ديوتا،
من جي مندر سان ڪيان ٿو دوستي.

شام نيڻن ۾ لهي سورج پيو،
روز منظر سان ڪيان ٿو دوستي.

واس وارن جو پيو هو چادر مٿان،
مان ته بستر سان ڪيان ٿو دوستي.

يار هڪڙو ٿو رهي هن ڳوٺ ۾،
زيب هن تر سان ڪيان ٿو دوستي.

—



ڪو بہ بنواس گهر نہ ٿو گهرجي،
دل شڪستا شجر نہ ٿو گهرجي.

لڙڪ سپ رات ئي لڪائي ٿي،
چانڊني يا سحر نہ ٿو گهرجي.

وقت سان جو وڏي اداسي ٿي،
درد جو پل پهر نہ ٿو گهرجي.

دوست ديدار جي رکي منشا،
شمس يا ڪو قمر نہ ٿو گهرجي.

ننڊ ڪي ان ڪري ٽڙيو مون آ،
خوابُ ڪوڙو مگر نہ ٿو گهرجي.

چند نڪتو ڏسڻ تماشو پر،
بي ادب هم سفر نہ ٿو گهرجي،

زيبَ سان ياد هڪ هئي تنهنجي،
گڏ خوشي جو ولر نہ ٿو گهرجي.

—



اگــر جــي ڏور ٿــيــنــداسـون؟
تـہ ڇـا مشـهـور ٿـيـنـداسـون؟

وفـا جـي راهہ تـي هـلـنـدي،
نـہ ڪـي مـفـرور ٿـيـنـداسـون.

دکـائـي يـاد جـا ڏيـئـا،
ٻـري ڪـافـور ٿـيـنـدا سـون.

نـگـاهـن ۾ اسـيـن تـنـهـنـجي،
رهـي مـحـصـور ٿـيـنـدا سـون.

لـکـي ڪـاتـب اگـر مسـرت!
مـلـي مسـرور ٿـيـنـدا سـون.

ڏنـو جـي قـرب تـو پـنـهـنجـو،
اسـان مشـڪـور ٿـيـنـداسـون.

هـجـن ڏک زيـب مـقـدر ۾،
تـڏهـن مـجـبـور ٿـيـنـداسـون.

—



محبت اگر دائمي ٿي وڃي،
حياتي سڄي ريشمي ٿي وڃي.

هزارن دلين ۾ گلن سان پري،
ڪنيون ٿوڪري ڇوڪري ٿي وڃي.

ڪمن ڪان نہ ٿي واندڪائي ملي،
هتن مان بہ نڪتي گهڙي ٿي وڃي.

مزو زندگي جو تہ ڪجهہ ماڻجي،
اچو دوستو شاعري ٿي وڃي.

نگاهن ۾ تصوير ان لئہ رکي،
اکين جي وڏي روشني ٿي وڃي.

ملي چين شايد وري درد کان،
پرينءَ جي اڳيان حاضري ٿي وڃي.

اگر چاهہ ويساهہ ايڪو ڪيون،
ختم ملڪ مان دشمني ٿي وڃي.

سنئي زندگي آ تڏهن ديس ۾،
جڏهن زيب دل ساهمي ٿي وڃي.

—



زندگي اعتبار جو پاڇو،
موت جي انتظار جو پاڇو.

درد خاموش آ ڪٿي رهندو،
هر حوالو ترار جو پاڇو.

ڇو سڄي رات خواب ٿا جاڳن؟
هو اکين ۾ نهار جو پاڇو.

چنڊ محبوب جي لٽو گهر ۾،
گڏ ستارا وقار جو پاڇو.

روح جي رمز ڪي نٿو سمجهي،
ڪنهن بدن جي مزار جو پاڇو.

هن ڏسي هر رنگين منظر کي،
جڻ وڏي ٿو خمار جو پاڇو.

ڪو مجي ڪين پر حقيقت آ،
زيب ناهي شمار جو پاڇو.

—



تون چوين ٿو تہ چاھتون ڪھڙيون؟!!
مان ڏيان پو وضاحتون ڪھڙيون؟!!

تون خفا ٿي اگر وڃين مون ڪان؟
پوءِ جيون ۾ راحتون ڪھڙيون!!؟

پاڻ ڪي پاڻ سان گلا رھندي،!!
يار توکان شڪايتون ڪھڙيون!!

جي خدا ئي وڃي رسي ڪنھن ڪان،!!
پلئہ پونديون ھدايتون ڪھڙيون؟

واعدا جي وفا ٿي وڃن تنھنجا،!!
عاشقيءَ ۾ بہ پارتون ڪھڙيون؟

تنھنجي تصوير جي ھٽان در تي،!
زيب ان ۾ قباحتون ڪھڙيون؟

—



دل ۾ ڏسجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري،
ڏڪ ڏڪ ٻڌجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

جنهن جي جنهن جي ننڊ ڦٽائي آهي تو،
ان کي سڏجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

ڪاوڙ هاري صاف ڪري پنهنجي من کي،
ناري ڇڏجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

ياد نہ ايندس توکي ڪڏهين مان بہ پرين،
سوچي ونجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

هيءَ حياتي فاني پر وقت اچڻ تي،
خوش ٿي کلجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

ساٿي آهن وڃڻ پڪي انسانن جا،
تن سان هلجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

زيب غمن کي ٿاري هاٿي اڳتي هل،
مور نہ رکجو هڪ پيرو اڪ بند ڪري.

—



چوڳالھ تو لڪائين، اظھار حال ڪر تون؟
منھنجو نصيب مون سان، پنھنجو خيال ڪر تون.

غافل رهان ڪٿي تو، سڀ ڄاڻ آهي مون کي،
مون وٽ جواب آهن، پنھنجو سوال ڪر تون.

توکي کپي تہ سر هي، حاظر ڪيان اڳيان مان،
خنجر هلاء هاڻي قاتل حلال ڪر تون.

ديوار تو اڏي آ، جيڪا بہ نفرتن جي،
سهبو ستم پلي جان، جيئڻ محال ڪر تون.

رهجي وڃي نہ ڪا ئي، مون کان گلا اجائي،
سڀ ڪجھ قبول آهي، جيڪو مثال ڪر تون.

رهندي اداس آهي تو کان سوا طبيعت،
ڪو حوصلو اچي ڏي، ٿوري سنڀال ڪر تون.

اڄ وچ تہ زيب پنھنجي، ساڳي گھٽي منجھان آ،
هيڪر ڳلي لڳائي، مونکي نھال ڪر تون.

—



رازداريءَ ســـان لـــڪـــايـــو راز هـــو؟
دل مــگــر مــنــهــنــجــيءَ ٻــڌو آواز هــو.

ڪنهن اچي جو خيال ۾ چم چم ڪئي،
چير جو مون لئہ نئون هي ساز هو.

ڪــالــه ڪــان ئــي فــونِ هــن جــي آف آ،
شــهــر ڪــان ئــي شــخــص ڇــو نــاراض هــو.

مــون ڏنــي ڳــولــي عــمــارت جســم جــي،
ڪــنــڊ ڪــهــڙيءَ ۾ لــڪــل هــمــراز هــو.

مان اجان ڪجهہ سوچيان ان ڪان اڳي،
دل ويــو جــهــٽ ۾ جــهــٽــي ڪــو بــاز هــو.

اڄ ويـــو ايـــمـــان تـــي پـــخـــتـــو جـــڏهـــن،
تـــو ڏنـــو جـــو قـــرب بـــي انـــداز هـــو.

ڳالہ ناهي هن مجي منهنجي ڪڏهن،
هٿ ٻڌي جنهن ڪي ڪيو ايلاز هو.

نانءُ تنهنجي نانءَ سان جڙجي ويو،
زيـــب لـــئہ ڪـــيـــڏو وڏو اعـــزاز هـــو.





منهنجو گهر هاڻي پنهنجو گهر سمجهي ٿي،
ناٺو پنهنجو هي ڪاڇو ٿر سمجهي ٿي.

پنهنجن ڪي ڪو وقت بہ ناهي سوچڻ جو،
دنيا ساري سنڌ کي بهتر سمجهي ٿي.

غرض رکي ٿي خالص دولت منهنجي سان،
خلق سڄي کي باقي نوڪر سمجهي ٿي.

دولت ڪافي يار اسان وٽ پوريل آ،
پر خالي آهي منهنجو ور سمجهي ٿي.

خوف رکي ٿي هن پنهنجي قوم سڄيءَ کان،
ٻار ٻچي کي قومي ليڊر سمجهي ٿي.

ڪارا آيا رات ڪڪر آڪاس مٿان،
قدرت هر هڪ سهڻو منظر سمجهي ٿي.

ڪير هوا کي سمجهائي تون هوريان هل،
ڏوڙ اڏائي اُنَ کي سندر سمجهي ٿي.

مون کي لڳندا آهن هن جا زيب ڏٺا،
دل سپ کوڙ دلاسا پاڪر سمجهي ٿي.

—



حسن جي جاگير جي خوشبو ملي،
من زلف جي هير جي خوشبو ملي.

خواب کي تعبير جي خوشبو ملي،
اک سندي مهمير جي خوشبو ملي.

دشمنن کي زير مان جنهن سان ڪيان،
اي خدا شمشير جي خوشبو ملي.

عڪس ڪوئي اک منجهان ايري اچي،
”يار جي تصوير جي خوشبو ملي.“

جو سڌاري ملڪ جي حالات کي،
قوم کي تدبير جي خوشبو ملي.

رت ڏيان گهوري وفا جي واسطي،
خون ۾ تشهير جي خوشبو ملي.

قوم کي بيدار ڪرڻو آ خدا،
جوش ۾ تقرير جي خوشبو ملي.

ديس لئہ ناسور جو بڻجي وڃي،
ڪين اهڙي مير جي خوشبو ملي.

ديپُ دل جي ڪا دري روشن ڪري،
سوچ کي تعمير جي خوشبو ملي.

زيبَ کي پازيب سمجهي پاءِ تون،
نانءَ کي اڪسير جي خوشبو ملي.

—



پل ڪٽي هوءَ حجاب رکندي آ،
پيار پر بي حساب رکندي آ.

پيار جو احترام آ هن وٽ،
خيال ڪيڏا نواب رکندي آ.

خواب اک ۾ رنگين ها جنهن جي،
گفتگو ۾ گلاب رکندي آ.

نفرتن کي گناهه ٿي سمجهي،
سڪ محبت ثواب رکندي آ.

ويس اجرڪ ڍڪي بدن تي ٿي،
سونهن کي لاجواب رکندي آ.

دوستن لئه ته اک ڪبوتر جي،
دشمنن لئه عقاب رکندي آ.

شاعري زيب ديس لئه منهنجي،
هيءَ وڏو انقلاب رکندي آ.

—



اجنبي چودڳيءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟
شهرَ حيرانگيءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

رات طوفان ۾ روشنيءَ کي ڪٽي،
چنڊ ڪنهن لئہ نديءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

پيار هو عشق هو يا تہ پاڇو سهي،
شخص پاڳل دريءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

تو نچي ماءُ جي هو تہ سيني مٿان،
وڻ مٿيءَ جو مٿيءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

روز مون سان لڪي تو هلي سات ۾،
درد دل جي بگيءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

حسن جي در اڳيان پير ڪوڙي اپا،
صبح تائين گهٽيءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

هڪ ڏسان تو اچو زيب ظاهر هئو،
وار تنهنجي سڳيءَ ۾ ڪَري ڇا پيو؟

—



راز پنهنجي ڪان پرين آگاهه ڪر،
ٿورڙو مون تي ڪڏهن ويساهه ڪر.

ويجهڙو تو کي ڪيان مان سانوري،
من سندو ڪو يار پيدا چاهه ڪر.

پيار جي تعظيم سان پوڄا ڪري،
عشق ۾ پنهنجي بہ دل درياهه ڪر.

هڪ نظر جا چانورو ويندي ڪري،
نيڻ مون ڏي تون ڪڏهن وڻ راهه ڪر.

اوچتو دلبر متان هليو وڃان؟
تون اڳي ان ڪان اڄي ير ناهه ڪر.

شال ڪلمي تي وڃي ٿي خاتمو،
ڪين دنيا ۾ خدا گمراهه ڪر.

بي رخي هڪڙي اها ڪافي نہ آ،
ڪجهہ نوان پيي گهاوَ ڪي همراهه ڪر،

سونهن پنهنجيءَ جو سدا رکجو خيال،
زيب جي تون ڪين پل پرواهه ڪر.

—



ڇا رات ڏنو منظر، آڪاس جي چولي تي،
ساجن جو لڳو آڳر، آڪاس جي چولي تي.

هُو پار تَري آيو، هڪ نوح سندو ٻيڙو،
جل ٿل ٻـ هيو ساگر، آڪاس جي چولي تي.

هڪ ئي تـ ڪليسا ۾، رحمان ٻـ وينو هو،
مسجد ۽ هيو مندر، آڪاس جي چولي تي.

مشغول ستارا ها، سڀ پاڻ رهاڻين ۾،
هڪ ٻئي کي وجهي ياڪر، آڪاس چولي تي.

مون کي تـ سنڌوءَ جي ڄڻ، تهذيب لڳي ٿي ڪا،
موهن جو دڙو ظاهر، آڪاس جي چولي تي.

هل ڪو تـ هلي اڏجي، اُتِ شهر محبت جو،
ماحول ڪجي معطر، آڪاس جي چولي تي.

دلگير نـ ٿي ايڏو، جهٽ زيب پڄي ويندو،
بس تنهجي خوشيءَ خاطر، آڪاس جي چولي تي.

—



جيترو ساحل پري هو پهچ کان،
ايترو ئي حل پري هو پهچ کان.

باغ جي مالهڻ وئي بي چين ٿي،
هن ڏنو هر گل پري هو پهچ کان.

ٿا سجاڻون پاڻ سڀ، افسوس آ،
جو گهٽو قاتل پري هو پهچ کان.

يار ويجهو ٿو ڏسان دل جي مگر،
پيار جو حاصل پري هو پهچ کان.

هن دلاسا ها رڳو کوڙا ڏنا،
درد ۾ شامل پري هو پهچ کان.

مرض کوئي لا دوا ناهي رهيو،
وَيدَ جي گهايل پري هو پهچ کان.

حُسنَ جي خيرات کان محروم هو،
سونهن جو سائل پري هو پهچ کان.

زيب جنهن کي مان مڃائڻ ٿو گهران،
کيئن کيان قائل پري هو پهچ کان؟

—



خوشيءَ جا خريدار آهن گهڻا،
ڪتي پر وفادار آهن گهڻا؟

محبت سدا ئين ڏچي ۾ رهي،
حسينن جا آزار آهن گهڻا.

ويا سنڌ ڪائي سڳورا سوين،
اهي مير سردار آهن گهڻا.

ٿيا ڪين پورا اسان ڪان اهي،
اڌورا بہ ڪم ڪار آهن گهڻا.

ڪئي عشق جي جن عبادت هتي،
اهي ئي سزاوار آهن گهڻا.

رهو ٿا اسين هڪ جهان ۾ مگر،
ڪتي ڌار سنسار آهن گهڻا؟

سٺا سون اڪين تي سدا يار جا،
ڳڻپ ڪان بہ تڪرار آهن گهڻا.

وڻن شال توکي اسان جا غزل،
لکيا زيب اشعار آهن گهڻا.

—



مسين چنڊ هاڻي چَڙهي تو گهٽيءَ ۾،
اڳيان گهاٽ ڪوئي گهڙي تو گهٽيءَ ۾.

وڃو تا ڪٽي چو سِگُهو جسم خاڪي،
اجا روح بينو رَڙي تو گهٽيءَ ۾.

ڪٿي ڦٽ پراڻا اهي نيڪ ٿيندا؟
نئون يار گهاٽو جڙي تو گهٽيءَ ۾.

ڏئي ٿهڪ سڪٽا ويو دل ريجهائي،
نہ ڪي شخص هاڻي لَڙي تو گهٽيء ۾.

رکي دشمني تو اسان جي خوشيءَ سان،
ڏنو ساڙ ۾ ڪو سَڙي تو گهٽيء ۾.

هجي جون جولاءِ جو ڪو مهينو،
سڄو سال ڪنهن لئہ ڪَڙهي تو گهٽيء ۾.

وڏي حوصلي سان ڪلي درد سارا،
پيو زيب دل جا ٽَڙي تو گهٽيء ۾.

—



پيار هو چانورو مون نڻايو ڪٿي؟
چاھ تو سان پرين هو گھٽايو ڪٿي؟

ساھ کي چو نہ ايندين سَڻُون پو پلا،
هي حقيقت هئي ڪجھہ وڌايو ڪٿي؟

روز تسبيح تنهنجي پڙهان ٿو صنم،
تو سوا من اندر ڪو بہ آيو ڪٿي؟

زندگي ير وطن جي ڪئي ڳالھ مون،
پل تہ هڪڙو بہ ويهي وڃايو ڪٿي؟

گل وڃائي پليڪار تو کي چوان،
تون متان ير چوين ڪجھ سجايو ڪٿي؟

چند تارا جهڪي ٿا سلامي ڏين،
تو تہ رخ تان بہ پردو هٽايو ڪٿي؟

لڙڪ منهنجا اڳي ئي وهي ٿا پون،
زيب ڪان تو اجان موڪلايو ڪٿي؟

—



اڄ شام وري ڳڌجي، دلدار ڪٿي رُلجي؟
هي ماڳ ڇڏي پنهنجو، منٺار ڪٿي رُلجي؟

ڳچ رات ستارن تي، پئي سور ڳڻيا ويني،
ڇو چند سوا سهڻا، بيڪار ڪٿي رُلجي؟

معلوم ڪجي دل جي، هر رمز پرين پيارا،
پو يار ڪري سارو، اظهار ڪٿي رُلجي؟

ڇو لوڪ ڏسي پنهنجي، هن درد ڪهاڻي کي،
بيڪار ڪڍي من جا، آزار ڪٿي رُلجي؟

رک سوچ هميشہ هيءَ جي سات سلامت آ،
ڪا ويل وري ٽلجي، پو ڏار ڪٿي رُلجي؟

هڪ ياد اها هر هر، اک تار ڪري ڇو ٿي،
سڀ سور وساري من، هڪوار ڪٿي رُلجي؟

ڳڌ زيب هجين پيارا، سک ساڻ ملي چاهت،
جي روح پرين رَلجي، ڇو يار ڪٿي رُلجي؟

—



اگر پيار پنهنجو خطاوار آ،
هتي پوءِ هرڪو سزاوار آ.

سچو ڏوهه منهنجي اچي پيو مٿان،
حسينن جو ڪوئي نہ ڪردار آ.

ڪري چو گرهه ٿا پون وات مان؟
ڪيو روز تنهن تي مون ويچار آ.

وڪائو ڏسان ٿو پرين پيار ڪي،
وفا يي وڏو جڳ تہ واپار آ.

وساري ڇڏي ٿو حقيقت پرين،
محبت جو ڪهڙو هي معيار آ.

ويو درد پنهنجو ٿي همراز هو،
اڪيلي رهڻ جو مزو ڏار آ.

پري ڪين يادون ٿيون زيب ڪان،
تڏهن وقت پنهنجو ٿيو يار آ.

—



هي رهيو آڪاس هڪ جهڙو نہ آ،
۽ هوا جو واس هڪ جهڙو نہ آ.

رنگ رت جو تو ڏسان ساڳيو مگر،
درد جو احساس هڪ جهڙو نہ آ.

مختلف هو سبق تنهنجي پيار جو،
عشق جو اپياس، هڪ جهڙو نہ آ،

موت جو آهي الڳ ٿيندو سبب،
مرض ڪوئي خاص هڪجهڙو نہ آ،

ڪو ڪري تشريح پنهنجي ڄاڻ تي،
وعظ تي وشواس هڪجهڙو نہ آ.

ڌار آهن خصلتون هر شخص ۾،
پاڪ پوتر داس هڪجهڙو نہ آ.

هر لڙائي تي هلي مطلب پنيان،
زيب هر اتهاس هڪجهڙو نہ آ.

—



دور تـوكـان رهـڻ جـي نـہ طـاقـت رهـي،
ڪنهن ٻئي جو ٿيڻ جي نہ طاقت رهي.

يـاد آهـي گـهـڙي هـو ڪـلايـو جـڏهـن،
تـو سـوا پـو ڪـلڻ جـي نـہ طـاقـت رهـي.

هڪ رڳو تـنهـنجي تصـوير دل ۾ اٿـم،
ڪو ٻيو ڪجھ ڏسڻ جي نہ طاقت رهي.

سـات آڪـاش تـائـيـن ڏنـو تـو پـريـن،
پـونءِ تـي اڄ هلڻ جـي نـہ طـاقـت رهـي.

سڀ اڏامـي ويـا هِـنِ پـڪـي ديـس مـان،
اڄ وٽـن ڪـي لُـڏڻ جـي نـہ طـاقـت رهـي.

زنـدگـيءَ جـو ويـو ٿـي مـزو ڪـرڪـلـو،
ڪـيـن هـاڻـي جـئڻ جـي نـہ طـاقـت رهـي.

مـئـڪـدي ۾ وجـڻ زيـب بـي سـود آ،
جـام هـاڻـي پـئڻ جـي نـہ طـاقـت رهـي.

—



هوءَ مٽي دل پٽرُ، ڇا ميارون ڏجن؟
هي وڏو آ ڦهرُ، ڇا ميارون ڏجن؟

پيار سان ڇو پلا ڪو ڦٽائي رکي،
گهر ڪري دربدر، ڇا ميارون ڏجن؟

دل مجي ئي نہ ٿي ڏار تو کان ٿيان،
ڪيئن ڪيان درگذر، ڇا ميارون ڏجن؟

جو وساريو نہ آ، ياد ان کي ڪري،
روز پيتو زهر، ڇا ميارون ڏجن؟

سڀ مخالف ڏسان ٿو هتي تا رهن،
ڳوٺُ، واهڻُ، شهرُ، ڇا ميارون ڏجن؟

بس اڪيلي رهڻ جي وئي هَيرَ ٿي،
هي عمر ٿي بسر، ڇا ميارون ڏجن؟

چند آڏو اچي بي سبب زيبؔ ٿو،
اوچتو ڪو ڪڪر، ڇا ميارون ڏجن؟

—



مون وٽ هڪڙو پيرو يار اچي،
لاهي وچ دل تان سڀ بار اچي.

ڪاوڙ ڪافي آهي بس هاڻي،
ڪا تہ گهڙي دلبر گڏ گهار اچي.

هاڻ اکين جي ڪا تہ اجهامي اڃ،
پنهنجو ڏي مون کي ديدار اچي.

ويجهو اچ سنسار نهي ويندو،
جڳ ڏسندو پنهنجو هي پيار اچي.

شامل آهي دل جي ڌڪ سان،
ٻڌ نالو پنهنجو هڪوار اچي.

زيب لڳي تو دل جو دروازو،
تو کڙڪايو هو هر وار اچي.

—



دردَ جي پيڙا ڪٽي مرڪي اٿي،
هر خوشي کي لت هڻي مرڪي اٿي.

شخص هڪڙو موهه سان ڏسندو رهيو
پر شرم ڪان ڪامڻي مرڪي اٿي.

خواب ۾ جو ساٿ ساجن جو هيو،
ننڊ مان هڪڙي ڄڻي مرڪي اٿي.

سور پنهنجا سپ وساري چاهه ۾،
رات محفل مان گهڻي مرڪي اٿي.

عشق جو دل تي اثر تيندو ڏسي،
دل لڳي ۾ پدمڻي مرڪي اٿي.

عرش تان آئي وڏي ڪاوڙ منجهان،
فرش تي ڪرندي ڪڻي مرڪي اٿي.

هِنَ طرح سان هُنَ ڪيو اظهار هو،
پير سان هڻندي اَٽي مرڪي اٿي.

ها بدن جا زيب مشڪل فاصلا،
طئي ڪري ڏيندي ڦٽي مرڪي اٿي.

—



دل جي آڳر تي وڻ بيٺو هو،
دردن جو هينان ڏڻ بيٺو هو،

روڪي وينو آهيان پنهنجا نہ تہ،
منهنجي اک ۾ ساوڻ بيٺو هو.

دل جي سيتا آهي پردي ۾،
هن جي اک ۾ راوڻ بيٺو هو.

پوڙهي سان پرٽائي نينگر کي،
پيءُ کٽي هي ڏاوڻ بيٺو هو.

ماسا کهڙي طاقت رکندا هت،
پُڙَ ۾ جاتي هک مڻ بيٺو هو،

شهر لکي ويو سارو واري ۾،
سامهون ننڍڙو واهڻ بيٺو هو.

در تي صبح گلاب لڳايا ها،
رات ڏنو ات باهڻ بيٺو هو.

ڪاڪل ڪولي جو آئي سامهون
زيب لڳو چڻ هڻ ڪڻ بيٺو هو.

—



پيار ٿيندو پراڻو ته ناهي پرين،
سچ اهو آ، هواڻو ته ناهي پرين.

هو به انصاف سان ٿو هلي يار هت،
وقت ڪوئي اياڻو ته ناهي پرين.

عاجزي سادگي، انڪساري ڪجي،
زندگي پنهنجي گهاڻو ته ناهي پرين.

سوچجي پوءِ چو ناهجي شعر ڪي؟
شاعري آ، اَڏاڻو ته ناهي پرين.

وڃ پلي عشق اپياس معلوم ڪر،
سُڪَ سندو ڪو وهاڻو ته ناهي پرين.

جهٽ وڃي هو به سمجهي نصيحت ڪٽي،
من به ايڏو سياڻو ته ناهي پرين.

مان پِنوڙو ته هن پونءِ جو ديس جو،
زيب ڪو راڄ راڻو ته ناهي پرين.

—



وفـا جـي دڳـن تـي بـہ پـارا رهـيا،
اوهان وٽ خـوشـيـن جا نـغـارا رهـيا.

نـڪـي چـنـڊ اڀـريـو نـڪـي چانـدنـي،
سـڄـي رات ڏسـنـدا سـتـارا رهـيا.

عطا جو مـان شـڪـر ڪـيان جيـتـرو،
لـڪـيـن پـال تـنـهـنـجـا اڌارا رهـيا.

ويـو ٿـي اسان ڪـان بـہ ساحـل پـري،
امـيـدون ڪـنـارا، ڪـنـارا رهـيـا.

سـچـو راز ٿـي فـاش پـنـهـنـجـو ويـو،
نـڪـي ڪـي اشـارا، اشـارا رهـيـا.

اڌورو رڳـو ڪـيـن احسـاس هـو،
مـگـر خـواب سـارا، سـهـارا رهـيـا.

ڏسـان ٿـو سـچـا اڄ تـہ رسـتـا اهـي،
جـتـي پـيـار جا، زيـب چـارا رهـيـا.

—



چانڊني ساحل مٿان ترندي وئي،
زندگي فطرت هٿان ٻرندي وئي.

سرمئي هن شام کي هو روڳ ڪو؟
دل تہ نازڪ ماڪ تي ڳرندي وئي؟

ٿانءُ دل جو تار ٿيندو ٿي ويو،
هر خوشي درياھ ۾ ٻڏندي وئي.

ڪين هو ڪو چانورو تنهنجو تڏهن،
جان منهنجي راھ ۾ سڙندي وئي؟

روز تنهنجي ياد جو تڪرار هو؟
هر گھڙي ناراض ٿي وڙهندي وئي؟

خواب هو ڪينجهر ڪنارو چام جو،
پيار جي نوري جتان لڙهندي وئي؟

عاشقي جي آڳ کان شايد بچان،
زيب هر حسرت جتي مرندي وئي.

—



سهڻي جو سينگار ڏسان ٿو نيڻن ۾،
جڙندي چڻ سنسار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

ايندي ويندي ٿيڏي اک سان ڏسندي آ،
چاهت جو اظهار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

پيرن کي ات وقت ٻه روکي بيٺو هو،
قدرت جو اسرار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

لهندي چڙهندي ڳاڙهو جهنبو لڳندو آ،
سج کي سنڌ سان پيار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

مهکي گهر جو آڳر ويندو مرکڻ سان،
ٿنَ جو چا هٻکار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

خواب حقيقت بڻجي ويندا منٿن ۾،
جاڻ ٿيو اقرار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

هوش وڃائي وينو پنهنجو زيب اڳي،
کنوڻ جا چمکار ڏسان ٿو نيڻن ۾.

—



بچو وقت مون وٽ دعائن جو هاڻي،
نڪي يار ڦيٽڻ دوائن جو هاڻي.

ٽڙا ساهه ڇو ٿو پرين دل پڇي ٿي،
اچي شور ڇو ٿو هوائن جو هاڻي.

گهٽا ئي ستم ها سٺا مون اوهان جا،
ويو دور گذري سزائن جو هاڻي.

حياتي سڄي پئي ڏني مون صفائي،
ڪندين فيصلو ڇا خطائن جو هاڻي.

گهڙي گهاٽ وينين وري ڇو الائي،
اهو ڇا صلو آ وفائن جو هاڻي.

ٻڇون ٿا رڳو هڪ خدا کان اسين هت.
ڪجي خوف ڇو نا خدائن جو هاڻي.

اسان زيب رستو مٽائي ڇڏيو سين،
مليو تو کي موقعو گلائن جو هاڻي.

—



وفا هڪ ڀرم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي،
خدا جو قسم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

چون ٿا محبت، نہ محتاج ڪنهنجي،
گهٽن ڪي وهم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

سدا دوستن کان، رهي آ شڪايت،
وڏو هي ستم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

هئا درد مون سان، رڳو همڪلامي،
ڏکن جو ڪرم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ڪئي بندگي آ، سجائي مندر ۾،
مجان تو صنم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ڪچو يار ڌاڳو، هيو نيٺ ٽٽڻو،
ويو ٿي ختم آ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ڪين ۾ اسان جي نمي جو ڏسو ٿا،
اهو زيب غم آ، ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

—



رات جي ڪاراڻ مان نڪري ڏنو،
چنبڊ هو مانداڻ مان نڪري ڏنو.

هوش آيو هوجڏهن، تنهنجي پرين،
جسم جي سرهاڻ مان نڪري ڏنو.

پاڻ جهڙو ئي سڄو هي لوڪ هو،
ڪوئلي جي ڪاڻ مان نڪري ڏنو.

حيثيت جي آ تڏهن پيئي خبر،
لوڪ جي واڪاڻ مان نڪري ڏنو.

هر ڏنگائي يار جي سهندو ويس،
ڪين پنهنجي پاڻ مان نڪري ڏنو.

ڪو مزو ناهي رکيو تڪرار ۾،
مون بہ هو ماندڻ مان نڪري ڏنو.

زيب توکي هو پڪاريو سير ۾،
سپ مڇين مهراڻ مان نڪري ڏنو.

—



ڪڏبو ڪنهنجي ناهي بَچَ تي،
هلبو ڪهڙو پاڻيءَ اَچَ تي؟

اڳ ۾ ئي تو رئيس لنوائي،
پير ڪٿي هو آيو پُچَ تي؟

غيرت جو معيار الڳ آ،
غيرت ناهي خالي مُڇَ تي.

ڪنواري ڇوري دان پني ٿي،
بار پرائو ننڍڙو ڪَڇَ تي.

ڪانئر لئه سڀ ڪندا آهيون،
غير تڏهن ٿو ڇرڪي نِچَ تي.

سنڌ امڙ تي گهور وجان شل،
ڪنڌ رکيو آ هردم رَچَ* تي.

زيب نه هو احساس ڪري ٿو،
منهنجي هيڏي هن لچ پچ تي.

—

* پاڪي



کنارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ،
سهارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

جڏهن تو هٽائي نظر بادلن تان،
نظارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

اڃي چنڊ منهنجي لهي تو اڱڻ تي،
ستارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

طبيبن ڪيو لا دوا عشق پنهنجو،
هزارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

ڏسي پيار پنهنجو خزان جي پنن تي،
بهارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

ڪٽي ڪونج هڪڙي پڳي جو نياپو،
قطارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

چني زيب دلبر هوا ۾ اُڏاري،
اشارن جي بلڪل ٺٺي دل پئي آ.

—



ملڪ گدڙن جو ڪاچ ٿي ويندو،
شهر شودن جو ڪاچ ٿي ويندو.

ڪين منزل تي ئي ستت رسبو،
پنڌ رستن جو ڪاچ ٿي ويندو.

پاڻ ڪي ڪٽڪو ٿو اهو ڪائي،
نيٺ رشتن جو ڪاچ ٿي ويندو.

هن چيو هٿ ڪي هو رکي اڪ تي،
نور قسمن جو ڪاچ ٿي ويندو.

واسطا ويندا سي ٽٽي جهٽ ۾،
عشق رسمن جو ڪاچ ٿي ويندو.

مرتبا ساڳيا ڪين رهندا هت،
وقت خطرن جو ڪاچ ٿي ويندو.

غير ڪان ڪو ڏپ نہ آ مون ڪي،
زيب پنهنجين جو ڪاچ ٿي ويندو.

—



جان کي واري ڏنم، هڪ مرڪ تي،
زندگي ڳاري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

گيت وايون ۽ غزل بيڪار ٿيا،
شاعري ٻاري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

قرب جو پاڙي نہ ناري دل سگهيو،
باھ تي هاري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

هَيرَ نکري ٿي پيلا تن مان ڪٿي؟
عادتون ماري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

ڪو وسيلو ڪين آهي مون چڙيو،
هر دعا پياري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

عشق جي درياھ مان سر تي ڪٽي،
نانوَ کي تاري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

زيب آلو پِپرُ ٿي آري مٿان،
پاڻ کي ڏاري ڏنم، هڪ مرڪ تي.

—



هو سچو ئي پيار پاڻيءَ تي،
چو کيان اعتبار پاڻيءَ تي؟

چند ڏنو رات تيز ڪائيندي،
تو ٻڌي عڪس ڏار پاڻيءَ تي.

جام ڏوگهي ڏنو اسان غم جو،
ڪين آيو قرار پاڻيءَ تي.

هر وسائل ويا ڪٽي ميڙي،
چو اجان آهه وار پاڻيءَ تي.

عشق جي چوٽ آ لڳي اهڙي،
ڪٿ لهي تو بخار پاڻيءَ تي.

زيب هن قوم جا ٻچا ٻڪيا،
ڪن پيا تا گذار پاڻيءَ تي.

—



رات جو چنڊ هو تماشو هو،
خيال هو خواب هو دلاسو هو.

خرچ تو لئہ ڪئي عمر ساري،
هي محبت جو بس خلاصو هو.

دشمنن ڪان نہ خوف آ ڪوئي،
خاص ويري تہ هيءُ پاڇو هو.

سنڌ تو سان وفا نڀائيندس،
مون اٽل هي ڪيو ارادو هو.

منهنجي تقدير ۾ ستارا ها،
تنهنجي تصوير ڪل اثاثو هو.

ور چڙهي ريت جي وئي ناري،
روز لڙهندي ڏٺو تہ لاشو هو.

زيب ميراث ۾ ملي چاهت،
شخص هر خون جو پياسو هو.

—



وڻــو پــلــي جــان، حســاب جــانــان.
ڏيــون بــہ ڪــهــڙو، جــواب جــانــان؟

خــطــا ڪــئــي آ، اڳــي بــہ اهــڙي،
لــڪــان نــئــون تــو، ڪــتــاب جــانــان.

مــحــال جــيــئــڻ، تــيــو وطــن ۾،
غــريــب لــئــہ آ، عــذاب جــانــان.

نہ گــيــس بــجــلــي، ۽ ٻــار بــک تــي،
ســهــون رڳــو ٿــا، عــتــاب جــانــان.

گــنــاهہ هــڙئــي، ڪــبــيــر پــنــهــنــجــا،
صــغــيــر آهــن، ثــواب جــانــان.

پــٽــي ســمــورا، ويــو چــمــن مــان،
ســرور جــا ســڀ، گــلاب جــانــان.

نہ زيــب هــن ڪــي،پــڇــي ســگــهــيــاســون.
هــي عشــق هــو ڇــڻ، ســراب جــانــان.

—



هوا جو تيز جهوٽو سرد آواره.
ڪتان آيو ڪٿي هي درد آواره.

سدائين شهر تنهنجي ۾ پرين ايندس،
سڏي پل لوڪ مون کي مرد آواره.

مسين آهي ڪلي ڪائي تہ ساماڻي،
ڦرن پوپٽ پيا چوگرد آواره،

سچا رشتا رهيا ناهن زماني ۾،
ڏسان ٿو خون هتڙي زرد آواره.

وڏو ڏوڪو هيو ڪاڏو محبت ۾،
رڳو آئي هتن ۾ گرد آواره.

مٿائي زيب رستو جو ويو دلبر،
لڳو جڻ زور وارو ڪرد آواره.

—



عشقَ ڪيڏو وئين تون نماڻو ڪري،
ڪير تو ڪان پلا ڪو پچاڻو ڪري.

ڊاڙ منهنجي وئي آهي بيڪار ٿي،
لوڪ آڏو وڏو تو تہ ڪاڻو ڪري.

خوب بدنام ٿي آنءُ اهڙو ويس،
هت رقيبن ڇڏيو ڳوٺ ٿاڻو ڪري.

مان تہ هن ڪي نشاني ڏني دل مگر،
يار ڪائي ويو سا هنداڻو ڪري.

واس تنهنجو اچي هر گهڙيءَ مان پيو،
مون ڇڏيو گهر تڏهن لاڙڪاڻو ڪري.

حال ڇاڻي پئي هيءَ منچر ڳجهو،
ٿو بچن لئہ تہ ڇاڇا مهاڻو ڪري.

ڪٿ وڃائي رڳو زيبُ بستر ستو؟
ياد تنهنجي رکي آ وهاڻو ڪري.

—



پيار جي اظهار جو مطلب ڇا؟
پاڻ سان اقرار جو مطلب ڇا؟

روز ٿو همراز کان پڇندو رهان،
پنهنجي ئي ڪردار جو مطلب ڇا؟

ڪيترو محسوس هي آخر ڪجي؟
درد جي مقدار جو مطلب ڇا؟

هي سمورا خواب ويندا خاڪ ٿي،
عشق جي معيار جو مطلب ڇا؟

ڏينهن جهيڙين رات جو ياڪر ٻئا،
خاص هن تڪرار جو مطلب ڇا؟

عشق جو مقصد ڪجي حاصل پرين،
جيت جو ۽ هار جو مطلب ڇا؟

زيب سان جهڙي ڪرين تو گفتگو،
مام جي گفتار جو مطلب ڇا؟

—



ڪوئي غلط نہ هو، منهنجي خيال ۾،
هر شخص آ سچو، پنهنجي خيال ۾.

ڪوڙو نہ مان نہ تون، هي بحث ڇو ڪجي؟
جيڪو وٽي تہ ڪر، تنهنجي خيال ۾.

گمراهہ عشق ۾، ايڏو تہ ٿي ويو،
گم ٿو رهي سدا، ڪنهنجي خيال ۾.

هن شهر ڪان پري، پل جي هليو وڃان،
ڳولهي سگهيو پئي، من جي خيال ۾.

دل جي سڪون سان، هيڪر گزارجي
ٿي ديپ ياد جو، رهجي خيال ۾.

ڇاتو ڪري سگهي، ڪو زيبُ ڪي مگر؟
صورت پئي ڦري، جنهنجي خيال ۾.

—



محبت اگر دائمي ٿي وڃي؟
حياتي سڄي ريشمي ٿي وڃي.

هزارن دلين ۾ گلن سان پري،
ڪنيون ٿوڪري چوڪري ٿي وڃي.

ڪمن ڪان نہ ٿي واندڪائي ملي.
هٿن مان بہ نڪتي گهڙي ٿي وڃي.

مزو زندگي جو تہ ڪجهہ ماڻجي،
اچو دوستو شاعري ٿي وڃي.

نگاهن ۾ تصوير ان لئہ رکي،
اکين جي وڏي روشني ٿي وڃي.

ملي چين شايد وري درد کان،
پرينءَ جي اڳيان حاضري ٿي وڃي.

اگر چاهہ ويساهہ ايڪو ڪيون؟
ختم ملڪ مان دشمني ٿي وڃي.

سني زندگي آ تڏهن ديس ۾،
جڏهن زيب دل ساهمي ٿي وڃي.

—



ثواب ھوندي، سزا ٿياسون،
سراب وانگي، خطا ٿياسون.

اڄا نہ ماڻي، ڪٿي بہ منزل،
رڳو دڳن ۾، فنا ٿيا سون.

خطاب اهڙا ڏنا رقيبن،
عجيب ڪنهن لئہ صدا ٿياسون.

حسين دل جا حسين ماڻهون،
اسان بہ تو تان فدا ٿيا سون.

نہ ڪي ڦٽا ڪي گلاب مون ۾،
نہ ڪي وڻن جا سلا ٿياسون.

مثال ڏيندي، اکر ڪٿن ويا،
جواب ڏيندي ڦڪا ٿياسون.

سدا رهون تا، اداس تو لئہ
نہ زيب توکان، جدا ٿياسين.

—



واعـدي اعــتــبــار ۾ رهــڻــو،
تــو پــوي انــتــظــار ۾ رهــڻــو.

رات محبوبَ جي لـٽـو گـهـر ۾،
چنڊ هـو ڪـٿ مدار ۾ رهـڻـو؟

نيت معلوم ٿي ويو جـڳ کـي،
غم ڪـٿـي هو حصار ۾ رهـڻـو؟

روح لـئـہ امـتـحـان بـڻـيـو هـي،
هـن بـدن جـي مـزار ۾ رهـڻـو.

صاف دل کـي رکـڻ ضـروري آ،
گـهـر اگـر شـانـدار ۾ رهـڻـو.

وقت مـقـرر ڪـيـو حـڪـمـرانو،
ڪـيـتـرو آ ڏڪـار ۾ رهـڻـو؟

ڪو مجي ڪين پر حـقـيـقـت آ،
زيـب نـاهـي شـمـار ۾ رهـڻـو.

—



نہ دريا سمندر ڪنارو هئين تون،
مگر زندگيءَ جو سهارو هئين تون.

ڪري ماپ ڪيڏي ٻڌايان پلا ڪيئن؟
وڏو چاهتن جو منارو هئين تون.

وسامي وئي آ ٻتي جڻ اڱڻ جي،
اسان جي اکين جو ستارو هئين تون.

ڪري ياد توکي وهن لڙڪ ٿا هي،
خوشيءَ ساڻ جيون گزارو هئين تون.

جڏي تون وئين جڻ تہ رونق وئي آ،
محبت سندو ڪو نظارو هئين تون.

دلن تي بہ تنهنجي حڪومت رهي ٿي،
جگر جي رياست ادارو هئين تون.

ٿيو حال هيڻو پرين تو سوا هي،
جڏي زيب جو ئي جيارو هئين تون.

—



چنڊ هو مون ڏي ڏٺو آڪاس جي نيڻن منجان،
خواب ڇڻ جاڳي پيا وشواس جي نيڻن منجهان.

ڪين ڪا ترتيب مون آهي ڪڏهن دل جي ڏٺي،
روز نڪري درد ٿو انگاس جي نيڻن منجهان.

ديد شايد ٿي وئي آهي پٿر جنهنجي ڪري،
هو نهاري ٿو ڪٽي الماس جي نيڻن منجهان.

چاهتون مجبور ٿي تو وٺ پڳيون آخر وري،
اجنبي ڪنهن راهه تي بنواس جي نيڻن منجهان.

سلسلو ٿيندو نئون ڪو پيار جو هاڻي شروع،
من ڪري ڪا گفتگو احساس جي نيڻن منجهان.

بي سبب سڏڪا پري مان ٿو اٿان اڌ رات جو،
ياد تنهنجي ٿي اٿاري آس جي نيڻن منجهان،

ڳوٺ پنهنجا سڀ ٿيا محروم ڇو تعليم کان،
ڪنهن پرايو ڪين هو اپياس جي نيڻن منجهان.

هو ڏسي منهنجي محبت جو تماشو اڄ وري،
زيب رهندي آرزو اتهاس جي نيڻن منجهان.

—



پنهنجي سنڌ تي ڌاڙا آهن،
ڌارين جا هٿ واڙا آهن.

ڳوٺ شهر ۾ افغانن جا،
ڪيئي ڪيئي پاڙا آهن.

مير وڏيرا ساٿي جن جا،
ياٺر جڻ ڪي جاڙا آهن.

ديسن ڪي تا ڪارو سمجهن،
غير هنن لئه ڳاڙها آهن.

ٻاراڻي آ راند نه ڪائي،
جوڙن لئه آڪاڙا آهن.

خوب لٽي هن ڌرتي جا سک،
ڳايا غيرن لاڙا آهن.

سنڌ امن جو گهوارو آ،
ڌاريا ئي هٿ راڙا آهن،

ڪير ٻڌائي زيب ادارن،
ڪهڙا ماريا ڦاڙها آهن؟

—



عشق تنهنجي راهه جا روڳي اسان،
درد جي پيڙا سدا ڀوڳي اسان.

مون تلاشي آ سدا منزل رڳو،
گهر نه هو گهاٽ کو جوڳي اسان.

هوشياري ڪين آئي ڪم ڪڏهن،
دل گهڻي آهي رکي موڳي اسان.

پروسي جي آڙ ۾ ڏوڪا ڏنا،
کو سڃاتو ڪين هو ٺوڳي اسان.

پيار ۾ پنهنجي جلائي جيءُ کي،
پاڻ کي سمجهي ڇڏيو دوڳي اسان.

هو به نڪري ئي نه ٿو دل مان تڏهن،
پاڻ ناهيون زيب اڄ سوڳي اسان.

—



زندگي هر گهڙي تماشو آ،
هر غمي هرخوشي تماشو آ.

ڇا اها ڪين آ خبر توکي؟
تو بنا زندگي تماشو آ.

ڏات اهڙي وئي رسي مون کان،
شعر ۽ شاعري تماشو آ.

لوڪ آڏو نہ ٿي وجان ظاهر،
ديد جي تشنگي تماشو آ.

عشق بيوس ڪيو هزارن کي،
حسن جي بي رخي تماشو آ.

پيٽ انسان کي نچائي ٿو،
ٿي تڏهن نرتڪي تماشو آ.

هر ستم ٿو مذاق ۾ ٽاري،
زيب جي سادگي تماشو آ.

—



جان کي واري ڏنم، ها، پر نہ ٿي،
زندگي ڳاري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

گيت وايون ۽ غزل بيڪار ٿيا،
شاعري ٻاري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

قرب جو پاڻي نہ ناري دل سگهيو،
باھ تي هاري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

هَيرَ نڪري ٿي پيلا تن مان ڪٿي؟
عادتون ماري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

ڪو وسيلو ڪين آهي مون ڇڏيو،
هر دعا پياري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

عشق جي درياھ مان سر تي ڪٽي،
نانوَ ڪي تاري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

زيب آلو پِپرُ تي آري مٿان،
پاڻ کي ڏاري ڏنم، ها، پر نہ ٿي.

—



مون کي ماريندي، منهنجي دل جي تنهائي،
يا دل ٺاريندي، منهنجي دل جي تنهائي.

نيڻن سان ٿي نيڻ ملائي چوري چوري،
ڏونگر ڏاريندي، منهنجي دل جي تنهائي.

دردن کي ڪا باھ ڏجي پل هي لوڪ ڏسي،
تہ پيڙ ٻاريندي منهنجي دل جي تنهائي.

مان تہ اڪيلي ئي ڳيت ٻڌان ٿو ڪوئل جا،
نيث نهاريندي منهنجي دل جي تنهائي.

طوفانن ڪان ڪين هيو مون من گهٻرايو،
ڪيئن گذاريندي منهنجي دل جي تنهائي؟

آخر گزري ويندو وقت اهو فاني پو...!!
لڙڪ ٻہ هاريندي منهنجي دل جي تنهائي.

جي راز لڪائي ويني دل ۾ چاهت جا،
زيب وساريندي، منهنجي دل جي تنهائي؟

—



درد رشتا نيائن پيا،
پيار پنهنجا نيائن پيا.

مرڪ تي جو مهانگي وئي،
لڙڪ سڏڪا نيائن پيا.

ترش هاڻي پيلا تا لڳن،
لفظ لهجا نيائن پيا.

پير پنهنجا پٿون ها مگر،
پو ٻه رستا نيائن پيا.

عاشقي بند نيڻن منجهان،
خوب سپنا نيائن پيا.

چاندني چنڊ جي هو ڪسي،
ساٿ شيشا نيائن پيا.

دوستن سان گلا ڪين آ،
زيب چا چا نيائن پيا.

—



تو جي ناهين راحت ناهي،
ڪائي منهنجي وسعت ناهي.

جنهن لئہ وڏڙن خون وهايو،
ساڳي هي تہ رياست ناهي.

ڪنهن ڏي ڦيري ڏسجي اڪ ڪي؟
نيڻن ڪي جو عادت ناهي.

پاڻ ڪتي تڪراري آهيون؟
ڪير چوي تو محبت ناهي.

لوڪ ويو آ نظرون ڦيري،
مون ڪي ڪائي حيرت ناهي.

ماڻهو ڪهڙو ديس ننگن تان،
آئي جنهن ڪي غيرت ناهي.

نالو منهنجو آهي وڇڻو،
زيب چڱي ڪا شهرت ناهي.

—



هر ڪو ماڻهو مستيءَ ۾ آ،
سڀ ڪجهہ تنهنجي بستيءَ ۾ آ.

خير گهران ٿو رب ڪان پنهنجو،
جنهن جي هٿ ۾ هستيءَ ۾ آ.

لهرن ڪان ڊپ کهڙو رکجي،
عمر گزاري ڪشتيءَ ۾ آ.

دور وڃان ٻي ڪاڏي تنهن ڪان؟
ساهہ منو جنهن سرتيءَ ۾ آ.

پاڙون منهنجون هيٺ ڪتل هن،
جيون جو وڻ ڌرتيءَ ۾ آ.

ساهڙ تو سان سات سلامت
دشمن جو منهن پستيءَ ۾ آ.

زيب رهي ٿو تنهنجي پر ۾،
وينل تنهنجي وستيءَ ۾ آ.

—



ڪيتري هوءَ ناز سان مرڪي پئي،
منهن لڪائي راز سان مرڪي پئي.

زلف ۾ قابو وئي مون کي ڪري،
هو وڏي اعزاز سان مرڪي پئي.

درد پنهنجا سڀ لڪائي سيج تي،
سر ملائي ساز سان مرڪي پئي.

پاڻ پنهنجي منهن پئي ڳالهايون ڪري،
جڻ تہ ڪنهن همراز سان مرڪي پئي.

ڪنڌ پوتي جي چپن ۾ هوءَ ڏئي،
هڪ نئين انداز سان مرڪي پئي.

مون اکين سان جو چيو سمجهي وئي،
زيب جي آواز سان مرڪي پئي.

—



اڄـن ٿـا روح کـي رهـڙا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا،
لڳا ها نيـنهـن جا ڪـوڪـا، اوهان جا نيـڻ خالـي هـا.

ڏني مون چاهه جي چادر، هـئي احسـاس کان عـاري،
ٽـٽـل هـا پـيـار جـا ڌاڳـا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا.

نہ ڪوئي ٿو ڏسي مون ڏي، نـہ ڪـوئـي حال پـائـي آ،
مـلـن ٿـا داٻ ۾ دڙڪـا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا.

وساري جي ڇڏن پنهنجا، ڏجي ڇـو ڏوهه غـيـرن تـي؟
ڪـٿـي هـن خـون جا رشتـا، اوهان جا نـيـڻ خالـي هـا.

نہ ڪو همراز هو حامي، نڪي آٿت ملي ڪنهـن کـان،
جڏهـن دل جـا ٿـيـا پـرزا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا.

اسان جي واٽ تي ڪـوئـي، ويـو هـاري ڪـنـدا آهـي،
ٻـڌائـن ڪـيـن ٿـا رسـتـا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا.

اڄـوڪـي دور ۾ سـڪـڻـا، سـڏائـن ديـس جـا وارث،
هـڻـن ٿـا نـنـڊ ۾ نـعـرا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا.

اڄـي ٿـو زيـبؔ روزانو، ڪـٿـي تـنـهـنـجـي نـيـاپـن کـي،
هـئـا سـڀ ڪـوڙ ۽ ڌوڪـا، اوهـان جـا نـيـڻ خـالـي هـا.

—

وایون



نيڻن جي تہ مزار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

ماني کين پکي اجان،
بکيو انتظار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

رات سڄي خيرات لئہ،
بيٺي پاڻ قطار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

اوتر جي برسات کان،
جاءِ ملي کا غار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

آئي چو نہ دوا امان؟
تڙپي جيءُ بخار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

موتي گهر ناهي پڳو،
رستن جي تہ حصار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

چا تنهنجي ناهي خدا،
روئي چئہ اختيار ۾ ؟
سوچي نيٺ سمهي پيو.

طاقت شايد زيب کا،
ناهي پنهنجي پيار ۾،
سوچي نيٺ سمهي پيو.

—



كولي چڻ کو بينو وار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.

واپس موٽي آيو نگر ۾،
سوچي پنهنجن جا ڪردار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.

خوابن ۾ آخر ڪيستائين؟
ياڪر پائي ملبو يار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.

ڏيندو ڪھڙو مونکي دلاسو،
وڍجي جنهنجا ويندا ڏار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.

پڌري ٿيندي هاڻي محبت،
پيهر ڪر تون قول قرار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.

آجو ٿيندو هي ديس آخر،
سهڻو اڏبو ڪو سنسار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.

چسڪو آيو زيب دل کي،
چاهت ماڻي مون دلدار،
آڳر تي هو وڻ ڦٽو.



ناهي ڪابہ خبر،
ڇا ڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟

گهاري مون ڪي وقت ويو،
خالي پنڌ پهر.
ڇاڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟

توريءَ مونکي ٿو لڳو،
سڃيو هاڻ شهر،
ڇا ڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟

حال ٿيو بيحال هي،
ورتو آهي اٿر،
ڇاڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟

روز ڇڏيو آهيان مٿي،
گهاٽو ناهيان شجر.
ڇاڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟

ڀانيان ٿو مان پاڻ ڪي،
ويراني ۾ گهر،
ڇاڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟

زيب هو ٻيڙو گم ٿيو،
اونهو انت بحر،
ڇا ڇا نہ وڃائي آ ڇڏيو؟



اڄ چــو گـــلــن تـــي،
پـوپـٽ آيـا ڪـو نـہ هـا.

رس چس ناهي جو رهي،
مــرڪـــي چـپـــن تـــي،
پـوپـٽ آيـا ڪـو نـہ هـا.

محنت سان ٻهڪن مگر،
مَـــيـــرَن هـــٿـــن تـــي،
پـوپـٽ آيـا ڪـو نـہ هـا.

لـيـڙون لـيـڙون زنـدگـي،
قـــاتـــل لـــٽـــن تـــي،
پـوپـٽ آيـا ڪـو نـہ هـا.

عـمـر جـي مـرهـم رکـڻ،
مـنـهـنـجـي ڦـٽـن تـي،
پـوپـٽ آيـا ڪـو نـہ هـا.

اندر ڪنهن ڪير ڏسي پيو،
قـــاتـــل لـــٽـــن تـــي،
پـوپـٽ آيـا ڪـو نـہ هـا.

زيـب لـکـيـا جيـڪـي هـئـا،
انـــهـــن خـــطـــن تـــي،
پـوپـت آيـا ڪـو نـہ هـا.



پاڻ هيس هوشيارُ،
پير ڪڍي هُو وقت ويو،

مون پنهنجو سمجهو هيو،
ها پنهنجو ئي يارُ.
پير ڪڍي هُو وقت ويو،

جيون جي هر موڙ تي،
دوستُ الا دلدار،
پير ڪڍي هُو وقت ويو،

ڪين اڪين ۾ خواب ها،
ننڊ ڪيو هو وارُ
پير ڪڍي هُو وقت ويو،

سوچن منجهه اڪيلڙو،
ڪيئن ڪيان ويچارُ؟
پير ڪڍي هُو وقت ويو،

مرڪ مهانگي ٿي رکي،
ڪيڏو دل تي بارُ،
پير ڪڍي هُو وقت ويو،

موسم آهي چلولي،
خالي زيب خمارُ،
پير ڪڍي هُو وقت ويو



مانجهي ڪَئِي ڪردار.
سنڌ امان جي گود ۾.

ڦٽي پيا ڏرتيءَ منجهان،
پل پل پڌرا پيار،
سنڌ امان جي گود ۾.

مرندي ڳرندي مون ڏٺا،
ڪانئر ڪوڙ غدار.
سنڌ امان جي گود ۾.

سونهن ڏسي مرڪي پئي،
ساوڻ ميگهه ملهار،
سنڌ امان جي گود ۾.

هل تہ هلون ٿي يار ڏي،
چنڊ مٿان هسوار،
سنڌ امان جي گود ۾.

هي جهولا ويندا هليا،
ايندي نيٺ تہ بهار
سنڌ امان جي گود ۾.

موتي زيب آيو وري،
ڳولي پيار قرار
سنڌ امان جي گود ۾.



ڏي تون جهول پري،
پنهنجي سرهي پيار مان.

ترسو رات اڄي پرين،
پورو قول ڪري.
پنهنجي سرهي پيار مان.

چاهه ڪٽي درياهه مان.
من جي ناوَ تري،
پنهنجي سرهي پيار مان.

پهچي وڃ دلدار تون،
تڪڙا پير پري،
پنهنجي سرهي پيار مان.

ويندا دل جا در کلي،
رهبو ڪين پري.
پنهنجي سرهي پيار مان.

پنهنجي يار رقيب جو
ڇو تو ماس ڳري
پنهنجي سرهي پيار مان.

زيب اٽانگي نينهن جو،
شل ڪو وقت وري،
پنهنجي سرهي پيار مان.



مـــيـــرو هـــو آكـــاس،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.

پوري پوري خاطري،
تــوڙي تــو وشــواس،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.

گونگي جي آواز مان،
ظـاهـر هـو احسـاس،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.

هيڏي ساري لوڪ ۾،
هـڪـڙو آهـي خـاص،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.

دل جي دنيا سانوري،
تـيـنـدي ڪـيـن اداس،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.

مونڏي هن آهي مڪو،
خـالـي چـو قـرطـاس،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.

زيب وڇوڙي هي اجهو،
ڪـائـي ويـنـدو مـاس،
آيـو مـنـهـنـجـي خـواب ۾.



سپ ڪجهہ تو وٽ يارَ!
خالي هٿڙا پاڻ جا.

اڄ ڪٿ تنهنجي پيار جا
ڪير هئا حقدارَ،
خالي هٿڙا پاڻ جا.

پڌرا تي پيا نيٺ هن،
پنهنجن جا ڪردارَ،
خالي هٿڙا پاڻ جا.

خنجر اکين ۾ رکيئي،
ڇا تہ ڪيا تئي وارَ،
خالي هٿڙا پاڻ جا.

مرڪ شيطاني منهن تي.
ڪين مڃي تو هارَ،
خالي هٿڙا پاڻ جا.

فطرت جي قانون ۾،
سرس ڏٺا سينگارَ،
خالي هٿڙا پاڻ جا.

هجت ۾ ڪهڙا پلا؟
زيب رڪان مان آرَ،
خالي هٿڙا پاڻ جا.



مرڪي ٿو وشواس،
خطري ۾ آ زندگي.

يوڳيو آهي يوڳبو،
پورو ئي بنواس،
خطري ۾ آ زندگي.

پرزا پرزا من اندر،
اکڙين ۾ الماس.
خطري ۾ آ زندگي.

پيار اسان جو آ ٿيو،
تنهنجي لئه بڪواس،
خطري ۾ آ زندگي.

هڪڙو پل يي پيار جو،
آيو ناهي راس،
خطري ۾ آ زندگي.

پهتو هو پرواز ڪري
وارن جو هي واس،
خطري ۾ آ زندگي.

زيب ڪنگو وينو لڪي
عشق سندو ايپاس،
خطري ۾ آ زندگي.



دل جـي ديـوار تـان،
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟

مـيـري تصـويـر كـي؟
پنهنجي مِعِيار تان،
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟

پـيـار آكـيـرڙو،
لـڙكـنـدڙ ڏار تـان،
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟

سمجهي عورت نِبَلُ،
نـنـيڙي تـكـرار تـان،
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟

غـم سرهـي شـام جـو،
سڏكـي ويـچـار تـان
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟

عـمـر هـك سـاك آ،
پـردو پـر يـار تـان،
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟

زيـب مـقـتـل انـدر،
اڄ تـخـتـي دار تـان،
چو تـو لاهـي ڇڏيـو؟



مزاج مرد جو،
سواد درد جو،
ڇا ڇاڻي هوا.

حسين زندگي،
خواب فرد جو،
ڇا ڇاڻي هوا.

نہ تو ملي ڪٿي،
جواب گرد جو،
ڇا ڇاڻي هوا.

جهان کي ڏئي،
فريب ڪرد* جو،
ڇا ڇاڻي هوا.

شعور هو ڪٿي،
جنون سرد جو،
ڇا ڇاڻي هوا.

قصو اداس آ،
گلاب زرد جو،
ڇا ڇاڻي هوا.

وجـود کـي مـلـيءِ
سـڪـون ورد جـوءِ
چـا چـاڻـي هـوا.

قـيـاس زيـب هـوءِ
نہ ٻار خـرد • جـو؟
چـا چـاڻـي هـوا.

—

* ڪرد = چاقوءِ خنجر
• خُرد ننڍي عمرءِ ننڍڙو



هــر هــر ڏنــو اتــلائــي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

هــو مــور آ ڇــڻ ٽــر جــو،
هــر بــار ٽــو تــڙپــائــي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

ڳــالــهه نــہ ڪــائــي آهــي
دل ڪــي پــيــو ســمــجــهــائــي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

ڪـلـنـدي ڪـلـنـدي مـون ڪـي،
ٽــو روئــي هــو ڳــل لائــي.
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

مـون رکـيـو هـو ڪـتـابـن ۾،
گــل گــل ويــو مــرجــهــائــي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

هـي زيـب سـارو مـنـهـنـجـو،
جــيــون ويــو ڳــڙڪــائــي،
هڪ ئي ورق ماضيءَ جو.

—



محبت جا ڪي پلَ،
آهن مون لئہ انمول.

پرين هي تنهنجا ڳلَ،
اهن مون لئہ انمول.

ڪلڙ سان ڪريا ٿي،
چپن تان تازا ڳل،
آهن مون لئہ انمول.

وسي ساوڻ ٿي جو،
ڳلن تان ڪي جل ٿلَ،
آهن مون لئہ انمول.

سڪل دل جي ڌرتي،
ٿڙيا ها ڪي ڳل ڦلَ،
آهن مون لئہ انمول.

لٿا منهنجي من تان،
مونجهاري جا هُلَ،
آهن مون لئہ انمول.

لکيم نانءُ سڄڻ جي،
سيپيئي گيت غزل،
آهن مون لئہ انمول.

اتئي سارو هي سچ،
متان هجئي کا پُلَ،
آهن مون کي انمول،

کيا هُن پيار جا هاء،
وچن جي زيب اٿل،
آهن مون لئہ انمول.

—

حسين خواب ها جهڙا،
رنگين تعبير نہ هئي.

قريب شام جو منظر،
عجيب رنگ ها اهڙا،
رنگين تعبير نہ هئي.

گلاب تي ڪئي خوشبو،
ڏنا تہ ڇهچٽا کهڙا.
رنگين تعبير نہ هئي.

سرور کي ڪٽي پهتي،
هوا ڪيا نشا تهڙا،
رنگين تعبير نہ هئي.

خلوص ڪين هو دل ۾،
ٽٽا بہ چاهہ جا سڳڙا،
رنگين تعبير نہ هئي.

اگهور نند مان سپنا،
اتي ويا پرين ٽڪڙا،
رنگين تعبير نہ هئي.

نگاهہ تير وانگي رک،
نہ زيب ڪر وري جهيڙا،
رنگين تعير نہ هئي.



پوريل آهن خواب،
مـــوهـــن دڙي ۾.
ڦٽندا نيٺ گلاب،
مـــوهـــن دڙي ۾.

سمبارا جي سونهن،
ناهن سوچ سراب.
مــوهــن دڙي ۾.

ٽوڙي دل جا تاڪ،
ملندا هيٺ تراب.
مــوهــن دڙي ۾.

سوريندا هن ساز،
مرڪي روز رباب.
مــوهــن دڙي ۾.

پٽڪي ڏي تي پونءِ،
چپڙن منجهه جواب.
مــوهــن دڙي ۾.

تير نہ ڪي تلوار،
ناهن شوق شراب.
موهن دڙي ۾.

سوچون پنهنجون زيب،
ڪليل جيئن ڪتاب.
موهن دڙي ۾.

—

زيب ڪنگو گهڻي وقت کان شاعري ڪري پيو
۽ پڙهندڙن لاءِ هاڻي سندس نالو بنهه اوپرو نه
رهيو آهي. حقيقت ۾ اها اوپرائپ تڏهن
پُڄاڻيءَ کي پُهچي ٿي ۽ شاعري، شاعرَ جي
سُڃاڻپ تڏهن بڻجي ٿي، جڏهن هُو ساڻس
لنئون لائي ٿو ۽ نڀائي ٿو- خوشيءَ جي ڳالهه
آهي ته زيب ڪنگو ۽ شاعري هاڻي هڪ ٿي ويا آهن- صفا لطيف سائينءَ
جي سِٽَ "هُئا اڳهين گڏُ، ٻُڌَڻَ ۾ ٻه ٿيا" وانگر-

زيب ڪنگي جي شاعريءَ جا هن کان اڳُ ٿي ڪتابَ ڇپجي چُڪا
آهن، جن ڪيس هڪ پڪي پُختي شاعرَ طور سامهون آندو آهي. هُن غزل
جي روايتُن کي برقرار رکندي، ڪيس سادي سلوڻي انداز ۾ بي حد
خوبصورتيءَ سان لِکيو آهي، جنهن ۾ اڪثر هنڌن تي نئين غزل جي
رنگَ روپَ جون نشانيون پڻ موجود آهن. ائين ئي شاعريءَ جي صنفَ
وائي ۾ به هُن گهڻي حدَ تائين پاڻُ موکيو آهي.

ذاتِ، ذاتءُ، لفظَ، خيالَ ۽ احساسَ هڪ سُٽي شاعرَ جي تخليقي سگهَ
ٿين ٿا، جنهن جي آڌارَ تي هُو درياهَ وانگر پنهنجا رستا پاڻَ جوڙي ٿو.

زيب ڪنگو به ان معاملي ۾ مالدار آهي. سندس اکيُن مان پکي ٿي
اُڏاميلَ خوابَ، شاعريءَ جي وڻَ تي ضرور آکيرو اَڏِڻ ۾ ڪامياب ويندا-
اها ئي اُميدَ اٿم.


اياز گُل

سکر سنڌ

يادون همسفر

شاعري

زيب ڪنگو



زيب ڪنگو گهڻي وقت کان شاعري ڪري پيو ۽ پڙهندڙن لاءِ هاڻي سندس نالو بنهه اوپرو نہ رهيو آهي. حقيقت ۾ اها اوپرائپ تڏهن پُجائي ۽ کي پُهچي ٿي ۽ شاعري، شاعرَ جي سُڃاڻپ تڏهن بڻجي ٿي، جڏهن هُو سائنس لنئون لائي ٿو ۽ نيائي ٿو- خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ زيب ڪنگو ۽ شاعري هاڻي هڪ ٿي ويا آهن- صفا لطيف سائينءَ جي سِٽَ "هُنا اڳهين گڏُ، ٻُڌَنِ ۾ ٻہ ٿيا" وانگر-

زيب ڪنگي جي شاعريءَ جا هن کان اڳُ ٻہ ڪتابَ ڇپجي چُڪا آهن، جن کيس هڪ پڪي پُختي شاعرَ طور سامهون آندو آهي. هُن غزل جي روايتُن کي برقرار رکندي، کيس سادي سلوڻي انداز ۾ بي حد خوبصورتيءَ سان لِکيو آهي، جنهن ۾ اڪثر هنڌن تي نئين غزل جي رنگَ روپَ جون نشانيون پڻ موجود آهن. ائين ئي شاعريءَ جي صنفَ وائي ۾ بہ هُن گهڻي حدَ تائين پاڻُ مو ڪيو آهي.

ڏاتِ، ڏانءُ، لفظَ، خيالَ ۽ احساسَ هڪ سُٺي شاعرَ جي تخليقي سگهہ ٿين ٿا، جنهن جي آڌارَ تي هُو درياهَ وانگر پنهنجا رستا پاڻُ جوڙي ٿو.

زيب ڪنگو بہ ان معاملي ۾ مالدار آهي. سندس اکيُن مان پڪي ٿي اُڏاميلَ خوابَ، شاعريءَ جي وڻَ تي ضرور آکيرو اَڏِڻ ۾ ڪامياب ويندا- اها ئي اُميدَ اٿم.

اياز گُل

سکر سنڌ

375

24/10

ISBN # 978-627-506-50-5

Rs. 500/-





سوره سنڌي ادب



صاحب خان سوره ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488